# Rice Value Chain, Production Technology & Integrated Pest Management (IPM) Training Manual

# سارين جي قدر جي زنجير، پيداواري حڪمت عملي ۽ آءِ پي ايم



سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو

Sindh Agricultural Growth Project (SAGP)

زراعت کاتو، حڪومتِ سنڌ

Agriculture, Supply & Prices Department Government of Sindh



# Rice Value Chain, Production Technology & Integrated Pest Management (IPM) Training Manual

# سارين جي قدر جي زنجير، پيداواري حڪمت عملي ۽ آءِ پي ايم


## نگرانِ اعليٰ

هدايت الله ڇڄڙو

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر

## نگران

ديدار احمد ڀٽو

ڊائريڪٽر زرعي اطلاعات سنڌ

## تحرير، ترتيب ۽ ترجمو

غلام مصطفيٰ نانگراج

اسسٽنٽ پبلسٽي آفيسر، زرعي توسيع سنڌ ۽

نجيب احمد خان

ايگرونامسٽ اينڊ ويليو چين ايڪسپرٽ



سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو

Sindh Agricultural Growth Project (SAGP)

زراعت ڪاتو، حڪومت سنڌ

Agriculture, Supply & Prices Department Government of Sindh



حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | سارين جي قدر جي زنجير، پيداواري حڪمت عملي ۽ آءِ پي ايم |
| تحرير، ترتيب ۽ ترجمو | : | غلام مصطفيٰ نانگراج ۽ نجيب احمد خان |
| ڪمپوزنگ ۽ ڊزائين | : | احمد سولنگي ۽ علي انور لغاري |
| سال | : | سيپٽمبر، 2017ع |

© rights are reserved

| | | |
|---|---|---|
| Title | : | Rice Value Chain, Production Technology & Integrated Pest Management (IPM)Training Manual |
| Under Supervision | : | Hidayatullah Chhajro<br>Project Director<br>Sindh Agricultural Growth Project<br>Agriculture, Supply & Prices Department<br>Government of Sindh |
| Compiled, Written & Translated by: | | Ghulam Mustafa Nangraj<br>Assistant Publicity Officer<br>Agriculture Extension Sindh<br>&<br>Najeeb Ahmed Khan<br>Agronomist & Value Chain Expert |
| Layout & Design | : | Ahmed Solangi & Ali Anwar Leghari |
| Year | : | September, 2017 |

# سٿاءُ

پيش لفظ ........ 6
سارين جي قدر جي زنجير: وصف ۽ تصور زراعت گذاري کان ڪاروبار تائين ........ 7
گذاري ۽ ڪاروباري زراعت ۾ فرق ........ 8
ڪاروبار جي وصف ۽ قسم ........ 10
قدر جي زنجير (Value Chain) ........ 11
مڊل مين ۽ قدر جي زنجير ........ 15
ڊيساور ۾ واپار (Export) ۽ قدر جي زنجير ........ 16
سارين جي پيداواري حڪمت عملي ........ 20
آبهوا ........ 20
زمين ........ 20
سارين جون جنسون ........ 20
سارين جي مختلف جنسن جو پيجارو پوکڻ ۽ رونبي ڪرڻ جا وقت ........ 22
رونبي جو وقت ........ 23
سارين جو پيجارو پوکڻ ........ 24
ٻج جو مقدار ........ 26
زمين جي تياري ۽ پوکي ........ 26
پوکيءَ جا طريقا ........ 28
رونبي رستي پوک ........ 28

ساربن ۾ ٻوٽي جو ٻوٽي کان مفاصلو ........ 29
چٽ رستي پوک ........ 31
ناڙيءَ رستي پوک ........ 32
سارين جي مشيني پوک ........ 32
سارين جي مشيني پوک لاءِ نرسريءَ جي تياري ........ 34
ڀاڻ ........ 37
ڀاڻ ڏيڻ جو وقت ۽ مقدار ........ 38
پاڻي ........ 40
زنڪ جو استعمال ........ 41
گندگاھ ........ 42
گوڏ ٻرڻ ........ 43
جيت ........ 44
اچي پنيءَ وارو مهلو ........ 46
سارين جو پن ويڙهو ........ 48
سارين جي جونءِ ........ 50
بيماريون ........ 51
1. رتيءَ جي بيماري ........ 51
2. ڪاٽيءَ جي بيماري ........ 52
لابارو ........ 54
اسٽوريج ........ 57




سارين ۾ بيون پوکون ........ 59

جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي جي گڏيل حڪمت عملي ........ 60

جيتن ۽ بيمارين جي شدت مطابق قدم کڻڻ ........ 62

جيتن جي سڃاڻپ ۽ جاچ پڙتال ........ 64

احطيات ........ 64

ضابطو ........ 65

جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي واري گڏيل حڪمت عملي جا فائدا ........ 67

زرعي زهرن جو محفوظ استعمال ........ 70

زرعي زهرن جي استعمال لاءِ احتياطي تدبيرون ........ 72



# پيش لفظ

زراعت ملڪي معيشت جي بهتريءَ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي. ليڪن اُن ۾ اڃان بہ وڏيڪ منافعو ڪمائڻ جي گنجائش موجود آهي. اُن گنجائش مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ پاران مستقل ڪم ڪندڙ شعبن سان گڏ نوان منصوبا شروع ڪيا ويجن ٿا. سنڌ زرعي ترقياتي منصوبو يعني "سنڌ ايگريڪلچرل گروٿ پروجيڪٽ" پڻ انهن منصوبن مان هڪ وڏو منصوبو آهي، جنهن جو بنيادي مقصد سنڌ ۾ بصرن، مرچن، سارين ۽ ڪجين جي فصلن ۽ سندن ڪاروبار کي ترقي ڏيارڻ آهي. ان سان گڏ زرعي توسيعي شعبي جي ڪمن کي جديد ۽ وڏيڪ مؤثر بڻائڻ شامل آهي. اهڙي طرح زرعي تحقيقي ڪم ۾ بهتري آڻڻ پڻ هن منصوبي جو حصو آهي. سنڌ زرعي ترقياتي منصوبي ذريعي آبادگارن کي سڌيءَ ريت بہ فائدو ڏيڻ جي ڪوشش جاري آهي. هڪ طرف آبادگارن کي تربيتون ڏنيون پيون وڃن ۽ ٻئي طرف کين مختلف گهربل زرعي اوزار 50 کان 70 سيڪڙو رعايت تي ڏنا پيا وڃن.

هي ڪتابچو آبادگارن کي سارين جي متعلق بهتر ۽ جديد ڄاڻ فراهم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي ۽ اُميد تہ آبادگار هن ڪتابچي مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪندا.

سيپٽمبر، 2017ع

سدا سلامت

**هدايت الله ڇڄڙو**

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر





# سارين جي قدر جي زنجير: وصف ۽ تصور

## زراعت گذاري کان ڪاروبار تائين

زراعت جيتوڻيڪ ملڪي ۽ صوبائي معيشت جو بنيادي ٿنڀو آهي، ليڪن اُن ۾ موجود منافعي واري صلاحيت يا گنجائش مان تمام ٿورو حصو حاصل ٿي رهيو آهي. جنهن جو هڪڙو بنيادي ڪارڻ اِهو آهي ته اڪثر آبادگار زراعت کي پنهنجي گذاري جو وسيلو سمجهن ٿا پر زراعت کي ڪاروبار نٿا سمجهن.

آبادگار پاڻ کي واپاري يا ڪاروباري ماڻهو نٿا سمجهن ۽ زراعت کي هڪ غير رسمي پيشو سمجهندي ڪمائڻ کان وڌيڪ پوکيءَ تي ڌيان ڏين ٿا ۽ خود ڪجهه ڪرڻ بجاءِ قدرت ۽ بيروني مدد تي وڌيڪ ڀاڙين ٿا. جنهن جو نتيجو جديد حڪمت عملي ۽ پنهنجي ڪاروباري سوچ نه هئڻ جي ڪري گهٽ پيداوار ۽ گهٽ آمدنيءَ جي شڪل ۾ سامهون اچي ٿو.







ان صورتحال ۾ تمام ضروري آهي ته زراعت بطور ڪاروبار جي تصور کي متعارف



ڪرايو وڃي تہ جيئن آبادگار:

1. ڪاروبار جي بنيادي علم ۽ مهارتن کي استعمال ڪري.
2. پنهنجي زرعي ڪاروبار ۾ منافعي بخش تبديليون آڻي سگهي.
3. ڪاروبار جي بهتر انتظام ڪاري ڪري سگهي.
4. مارڪيٽنگ جي عنصرن ۽ اصولن مطابق ڪم ڪري.
5. زرعي ڪاروبار جي فزيبلٽي ۽ منصوبا سازي ڪري.
6. زرعي ڪاروبار جي حوالي سان ڪاتيداريءَ کي بهتر بڻائي.
7. خرچ ۽ قيمتن جو صحيح ڪاٿو لڳائي سگهي.
8. پنهنجي اندر ۾ ڪاروباري صلاحيتون پيدا ڪري تہ جيئن ڪاروبار ترقي ڪري.

آبادگار جي اصل ڪاميابي ۽ سگهہ دراصل زرعي ڪاروبار ۾ ترقي ۾ ئي لڪل آهي. آبادگار ۾ اها صلاحيت موجود هجڻ گُهرجي تہ هُو زراعت کي هڪ سنجيده ڪاروبار سمجهي تہ جيئن صوبائي ۽ ملڪي معيشت ۾ بہ هُن جو ڪردار هجي ۽ سُکي زندگي بہ گذاري سگهي.

## گذاري ۽ ڪاروباري زراعت ۾ فرق

| زراعت گذاري لاءِ | زراعت ڪاروبار لاءِ |
|---|---|
| هن قسم جي زراعت جو بنيادي مقصد گهربل ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پوکي راهي ڪرڻ هوندو آهي، يعني آبادگار گهرَ جي لاءِ فصل پوکيندو آهي. | زراعت بطور ڪاروبار ۾ آبادگار زمين تي فصل وڪري لاءِ پوکيندو آهي تہ جيئن آمدنيءَ مان نفعو ڪمائي سگهي يعني فصل وڪري لاءِ پوکيا ويندا آهن. |



| | |
|---|---|
| زمين جو صحيح استعمال ناهي ٿيندو. | ٿوري زمين مان وڌيڪ ڪمائي سگهبو آهي. |
| ٿوري لاڳت ۽ وسيلن جي ضرورت پوندي آهي. | وڌيڪ لاڳت ۽ وسيلن جي ضرورت هوندي آهي. |
| خاص مهارت يا ٽيڪنالوجي سکڻ جي ضرورت ناهي. | جديد حرفتن، مهارتن ۽ ٽيڪنالوجي جي ضرورت هوندي آهي. |
| حدف يا منزل مقرر ناهي هوندي. | حدف ۽ نتيجا واضع هوندا آهن. |
| مارڪيٽ سان خاص رابطو ناهي هوندو. | مارڪيٽ جي هر وقت ضرورت پوندي آهي، ان ڪري مارڪيٽن سان رابطو تيز هوندو آهي. |
| منصوبابندي نہ هئڻ برابر هوندي آهي. | نتيجن ۽ حدف جي حاصل ڪرڻ لاءِ مڪمل منصوبابندي ڪرڻي هوندي آهي. |
| ڪاروباري صلاحيتون گهٽ يا بلڪل ناهن هونديون. | ڪاروباري صلاحيتون وڌيڪ هونديون آهن. |

مٿئين فرق کي ائين بہ سمجهي سگهجي ٿو تہ اڄڪلهہ ڪن شهرن جي آس پاس زرعي منڊين جي ننڍڙن واپارين ۽ عام ڪم ڪندڙن زمينون مقاطعي تي وٺي اُنهن تي سبزيون ۽ موسمي ميووا پوکڻ شروع ڪيا آهن. ۽ اهڙن مقاطعيدارن جي پاڄين وغيره کي سنڀالڻ ۽ ڪم ڪرڻ وارا وري اُهي ئي اتان جا هاري ناري آهن- پر نتيجي ۾ اُهي مقاطعيدار وڌيڪ ڪمائي رهيا آهن، جڏهن تہ اُهي روايتي يا خانداني آبادگار بہ ناهن پر ڪين زراعت بطور ڪاروبار جي حرفت اچي ٿي ان ڪري ئي هُو ڪامياب آهن. ان ڪري عام آبادگار بہ پنهنجي پوکي راهي کي



ڪاروبار طور اپنائي سگهي ٿو.

هاڻ اچو تہ ٿورو ان ڳالھ تي غور ڪريون تہ ڪاروبار ڇا آهي؟ ۽ ڪيترن قسمن جو ٿئي ٿو.

## ڪاروبار جي وصف ۽ قسم:

شين/جنسن يا خدمتن جي پيداوار ۽ وڪري ۽ خريداري متعلق اهڙو ڪم جيڪو منافعي ڪمائڻ جي مقصد سان ڪيو وڃي، اُن کي ڪاروبار چئجي ٿو. ڪاروبار جا هيٺيان ٽي مُکيہ قسم ٿين ٿا:

1. **شين يا جنسن جي پيداوار:** اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ مختلف شيون يا جنسون تيار ڪيون وڃن. مثال طور: فصل اُپائڻ، نرسريون پوکڻ، ڀاڄيون ۽ ميووا پيدا ڪرڻ ۽ ڀاڄين ۽ ميوون مان مختلف شيون تيار ڪرڻ جهڙوڪ: آچار وغيره. مال متاهہ پالڻ وغيره.

2. **تجارت يا ڪاروبار:** اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ شين کي خريديو ۽ وڪرو ڪيو وڃي، مثال طور: ٻج ڀاڻ جا دڪان، زرعي زهرن جا اسٽور، ڀاڄين وغيره جا آڙتي ۽ واپاري اچي وڃن ٿا.

3. **خدمتون:** اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ مختلف شين جي مهارتن يعني حرفتن کي گراهڪن تائين پهچايو وڃي. مثال طور: ٽيچنگ، تربيت، ڦوهارو ڪرڻ، ٽريڪٽر جي سهولت فراهم ڪرڻ، لوهار وغيره.

ڪاروبار جي وصف ۽ قسمن جي سمجهڻ ڪان پوءِ ان ڳالھ تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ خدمت فراهم ڪرڻ پڻ هڪ ڪاروبار آهي، جيڪو ٻين سمورن شعبن ۾ گهڻو ڪري ڪاروبار آهي، ليڪن زراعت ۾ گهڻو گهٽ آهي مثال طور:



جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو ڍڳو بيمار ٿيندو آهي تہ هُو نقصان جي خطري کان هڪدم ٻيا سمورا ڪم ڇڏي جانورن جي ڊاڪٽر ڏانهن ڊوڙندو آهي، جنهن ڪي في بہ ڏيندو آهي تہ جيئن نقصان کان بچي سگهي، ليڪن اُهو ساڳيو ماڻهو پنهنجي فصل جي جيتن ۽ بيمارين وغيره جي باري ۾ ايترو اُتاولو ناهي هوندو، ڇاڪاڻ تہ هُو پوکي راهيءَ کي ڪاروبار نٿو سمجهي ۽ لاڳت ۽ آمدني جو جائزو يا ڪاٿو نٿو لڳائي.

هاڻ سڀ کان اهم ڳالهہ اِها سمجهڻ جي آهي تہ ڪنهن بہ ڪاروبار جي نظام کي ڇا ٿو چئجي؟. سادي زبان ۾ اُن کي قدر جي زنجير (Value Chain) چيو وڃي ٿو. جنهن تحت ئي ڪنهن ڪاروبار کي منافعي بخش بڻائي سگهجي ٿو.

## قدر جي زنجير(Value Chain):

قدر جي زنجير ۾ اُهي سموريون سرگرميون ۽ خدمتون اچي وڃن ٿيون، جيڪي ڪنهن شيءِ يا جنس يا خدمتن کي پنهنجي تصور کان وٺندي آخر ۾ مارڪيٽ ۽ صارف يا گيراهڪ تائين پهچائڻ لاءِ گُهربل هونديون آهن.

يا

ڪنهن بہ ڪاروبار (شيءِ، جنس يا خدمت) سان لاڳاپيل سمورن ڪاروبارن جو اهڙو نظام جنهن ۾ هڪ ٻئي کان شيون يا جنسون يا خدمتون خريديون يا وڪرو ڪيون وينديون هجن. تہ جيئن مارڪيٽ ۾ مؤثر ۽ عمل جوڳي طريقيڪار تحت گراهڪ جي ضرورت ۽ پسند کي پورو ڪيو وڃي.

ان جي بنيادي خصوصيت اِها آهي تہ هِن جي خاص نظر هر وقت مارڪيٽ تي هوندي آهي تہ جيئن گڏيل مفادن يا مقصدن کي سهڻي نموني حاصل ڪيو وڃي.





گراهڪ
دڪاندار
سازگار ماحول
مددگار خدمتون ۽
مصنوعاتون
ثقافتي ۽ سماجي ادارا
منڊي
پيڪنگ
پاليسي ۽ قانون سازي
آبادگار
تربيت
حڪومتي ادارا وغيره
ٽرانسپورٽ
يونين /ايسوسيئيشن
۽ تنظيمون
ٻج ٻارڻ، زرعي زهر
وغيره
قرض



هڪ مؤثر ۽ ڪارگر قدر جي زنجير صرف اُن ڪي ئي چئجي ٿو جنهن ۾ هر هڪ ڌر پنهنجو ڪردار اهڙي طرح ادا ڪري جيئن ٻي ڌر ڪي نقصان نہ رسي بلڪ هر هڪ ڪي وڏيڪ منافعو حاصل ٿئي. ۽ اُهو صرف اُن صورت ۾ ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن هر ڌُر جي صلاحيتن ۽ ماحول ۽ سوچ ۾ بهتري آڻجي ۽ هَر ڌر اِهو سمجهي تہ سمورين ڌرين جي منافعي ۾ ئي منهنجو منافعو لڪل آهي. ان ڪري سمورين ڌرين جو خيال رکندي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان لاءِ قدر جي زنجير جي سمورين ڌرين ڪي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جي گُهرجن ۽ ضرورتن ڪي سمجهي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرائڻ جي هر جاءِ هر وقت ضرورت رهي ٿي، ٻي صورت ۾ هر ڌر پنهنجي پنهنجي طور تي ڪم ڪري ٿي ۽ سوچي ٿي ۽ ٻي ڌر ڪي ڌيان ۾ رکڻ بنان يا هڪ حد تائين ڌوڪو ڏئي وڏيڪ منافعو ڪمائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. جڏهن تہ ائين ممڪن ناهي، جنهن جو مثال ائين آهي تہ جيڪڏهن زنجير جي هڪ ڪڙي ٽٽي پوي يا ڪمزور ٿي پوي تہ باقي ڪڙيون بہ پڪ سان ڪمزور ٿينديون بلڪ ڪارگر نہ رهنديون.

چند اهم قدر جي زنجير سان لاڳاپيل نڪتا هيٺ ذڪر ۾ آڻجن ٿا:

**غير معياري زرعي شين جو قدر جي زنجير تي اثر:** پاڻ، ٻج يا زرعي زهر وغيرہ يا تيار ڪندڙن مان جيڪڏهن ڪو ڪا شيءِ وغير معياري يا ٻئي نمبر جي وڏيڪ نفعو ڪمائڻ جي چڪر ۾ آبادگارن کي فراهم ڪري ٿو تہ نتيجي ۾ آبادگارن جي پيداوار گهٽ لهي ٿي ۽ پيداوار جو معيار ڪري پوي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ ٽي مُکيہ نقصان ٿين ٿا:

1. پيداوار گهٽ لهڻ جي ڪري آبادگارن ڪي نقصان رسي ٿو ۽ سندن مالي حالت ڪمزور ٿئي ٿي.



2. آبادگارن جي مالي حالت خراب ٿيڻ جي ڪري هُو پنهنجي فصلن کي ضرورت مطابق ٻج، ڀاڻ، زرعي زهر وغيره نٿا ڏين، جنهن سان نہ صرف آبادگارن جي آمدني گهٽجي ٿي بلڪ ٻج، ڀاڻ، زرعي زهر ٺاهيندڙن ۽ وڪرو ڪندڙن جو وڪرو گهٽجي ٿو ۽ اُنهن کي بہ نقصان رسي ٿو.
3. ٽيون وڏو نقصان اِهو بہ ٿئي ٿو تہ زرعي جنسن جي پيداوار معياري نہ هئڻ جي ڪري ڏيساور جو واپار متاثر ٿئي ٿو. ۽ ايڪسپورٽ واپار ۽ واپارين کي خاطر خواهہ منافعو نٿو رسي.

ان هڪڙي مثال مان ئي صاف ظاهر آهي تہ قدر جي زنجير ۾ جڙيل سموريون ڏريون هڪ ٻئي لاءِ نهايت ئي اهم آهن ۽ هڪ ٻئي جي وڌيڪ منافعي جون ضامن آهن. قدر جي زنجير ان صورت ۾ ئي وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي ٿي جڏهن سموريون ڏريون ان ڳالهہ کي سمجهندي هڪ ٻئي جو خيال ڪن ۽ ويجهو اچن.

قدر جي زنجير جي بهتريءَ لاءِ بہ ٻيا مثال ڏيڻ پڻ ضروري آهن. هڪ تہ عام طرح سان زرعي شعبي اندر آبادگار طبقي ۾ مڊل مين جي ڪردار تي سخت تنقيد هلندڙ آهي ۽ ٻئي طرف زرعي جنسن جو ڏيساور ۾ واپار ڪندڙن يعني ايڪسپورٽرن جو رويو بہ منفي آهي.



# مڊل مين ۽ قدر جي زنجير:

عام طور تي آبادگارن جو اهو مؤقف آهي تہ مڊل مين اصل تباهيءَ جو ذميوار آهي، تنهن ڪري ان جي ڪردار کي مڪمل طور تي ختم ٿيڻ گُهرجي پر حقيقت ان جي بلڪل برعڪس آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مڊل مين گهڻو منافعو ڪمائي ٿو ۽ آبادگارن سان ڪٽي ڪٽي چيٽنگ بہ ڪري ٿو. ليڪن اُن مثبت پهلوءَ کي بہ ڏسڻ جي ضرورت آهي. اسان وٽ جيئن تہ آبادگارن جي اڪثر آبادي ننڍين آبادگارن جي آهي، جن وٽ ٻہ ٽي ايڪڙ زمين آهي، جنهن ۾ هُو مختلف فصل پوکن ٿا. ڪجھ فصل پنهنجي کاڌ خوراڪ لاءِ ٻيو مال متاھ جي چاري لاءِ باقي بچيل پيداوار وڪرو ڪن ٿا. اهڙن آبادگارن کي نہ تہ بهتر مارڪيٽ تائين رسائي آهي نہ وسيلا آهن ۽ نہ ئي ايترو وقت آهي، اهڙي صورت ۾ مڊل مينِ ئي هُن جو واحد سهارو آهي جيڪو ٻج ڀاڻ ۽ گهر جي خرچ پکي لاءِ سڄي مند ڪيس سپورٽ بہ ڪري ٿو. هاڻ جيڪڏهن اُهو سهارو نہ هجي تہ ننڍو آبادگار بلڪل ويهي رهي. ڇاڪاڻ تہ ٿوري پيداوار کي بهتر مارڪيٽ تائين پهچائڻ ۽ سنڀالڻ اهڙن آبادگارن لاءِ مشڪل آهي. ها ان ڳالھ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مڊل مين جو ڪردار آبادگار دوست بڻائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن.

# ڏيساور ۾ واپار (Export) ۽ قدر جي زنجير:

ڏيساور واپار ڪندڙ ڌرين جي منفي رويي سان پڻ زراعت کي نقصان رسي رهيو آهي ۽ قدر جي زنجير ڪمزور ٿي رهي آهي. هن وقت ايڪسپورٽر ٻن طرحن جو زرعي مال ٻاهر موڪلن ٿا. هڪ تہ منڊين ۾ ايندڙ مال مان اعليٰ معيار وارو مال ڇانٽي ڪري ٻاهر موڪليو وڃي ٿو ۽ ٻيو زميندارن وٽان زمين تان چونڊي مال ڪٽي اچي ٻاهر ايڪسپورٽ ڪيو وڃي ٿو. ان طرح سان ٻن قسمن جا نقصان ٿين ٿا:

1. اعليٰ معيار وارو مال ڏيساور هليو وڃي ٿو ۽ باقي گهٽ معيار وارو مال ملڪي صارفن کي ملي ٿو.
2. اهڙي طرح سان ايڪسپورٽ ڪرڻ جو گهڻو تڻو فائدو ايڪسپورٽرن کي ئي ملي ٿو پر آبادگار کي ايڪسپورٽ ڪوالٽي جو اگهہ نٿو ملي، ان ڪري آبادگار جو گهڻو زور پيداوار وڌائڻ طرف آهي پر معيار جي بهتريءَ طرف گهٽ آهي، جنهن جي ڪري مجموعي طور تي اعليٰ معيار واري پيداوار ۾ اضافو ناهي ٿي رهيو.

قدر جي زنجير هڪ ڪاروباري ايجنڊا آهي جنهن جو مقصد سارين مان هارين نارين، زميندارن، واپارين، پروسيسرن، دڪاندارن وغيره کي منافعو ملي ۽ صارفن کي سندن گُهرج ۽ خريدڻ واري سگهہ مطابق هر وقت ۽ هر جاءِ فراهمي جاري رهي.



جڏهن فصل ۾ ڦوهارو
ڪرڻو هجي تہ ڦوهاري واري
جاءِ جي ويجهي ڪم ڪار
ڪرڻ کان پاسي رهجي.



جيڪڏهن هوا هلندي هجي
يا مينهن جي پوڻ جو
امڪان هجي تہ ڦوهارو
ڪرڻ کان پاسو ڪجي. ۽
ڦوهاري ڪرڻ دوران
جيڪڏهن هلڪي هوا
هلندڙ هجي تہ اُن کي بہ پٺي
ڏئي پوءِ ڦوهارو ڪجي.



پاڻيءَ جي ذخيري يا
وهڪري واري هنڌ زرعي
زهر جو ڦوهارو نہ ڪجي ۽
اُن پاڻيءَ اندر خالي ڦوهاري
واري مشين يا زهر لاءِ
استعمال ٿيل ٿانو بہ نہ ڌوئڻ گهرجن ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان زهر پاڻيءَ ۾ ملي
وڃڻ ڪري اهو پاڻي جانور يا انسان وغيره جڏهن پيئندا تہ نقصان ٿيندو.

مشنري بہ اهڙي متعارف ڪرائي وڃي جيڪا سج جي روشني تي ملندڙ هجي، تہ جيئن آبادگار خرچ برداشت ڪري سگهن



3. سارين جي ايراضيءَ وارن علائقن ۾ سولر تي هلڻ وارن ننڍين ننڍين گدامن کي جوڙڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن مارڪيٽ ۾ هڪ ئي وقت سارين اچي مارڪيٽ جو توازن خراب نہ ڪري سگهن.

4. سارين جي قدر جي زنجير واري سوچ کي اهميت ڏيندي عام ڪيو وڃي تہ جيئن هر ڌر اُن کي سمجهندي پنهنجو ڪردار ادا ڪري.

5. جيئن تہ سارين جي ڪم ڪار ۾ زمين کان وينديي اسٽور تائين عورتون وڏيڪ شريڪ آهن ان ڪري کين چاڙ بہ مردن جي مقابلي



۾ بهتر آهي ليڪن انهن جي صلاحيتن مان وڏيڪ فائدو وٺڻ لاءِ



اُنهن کي اڳيان آڻڻ گُهرجي.

6. سُٺي ٻج جي پيداوار ۽ رسائيءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ هن طرف زرعي تعليمي ادارن، تحقيقي ادارن، نجي ڪمپنين ۽ مشاورت ڏيڻ وارين ڌرين کي وڏيڪ ڌيان ڏيڻ گُهرجي.
7. سرڪاري ۽ نجي شعبي سان گڏ آبادگارن کي هڪ ٻئي سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.
8. منڊين ۽ آبادگارن جي وچ ۾ اهڙو مضبوط ڳانڍاپو پيدا ڪيو وڃي، جنهن سان آبادگار کي پتو پئجي سگهي تہ مقامي ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ ڪهڙي قسم جي سارين جي گُهرج آهي تہ جيئن ان قسم جون ساريون پيدا ڪري سگهجن.
9. ڪاروبار ۽ قدر جي زنجير جي حوالي سان خصوصي تربيتي ۽ سجاڳي وارين مهمن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.
10. آبادگارن کي آسان قرض جي فراهميءَ کي يقيني بڻائڻ سان گڏ کين تائين مارڪيٽ جي معلومات موبائل فون ذريعي پهچائي وڃي.







# سارين جي پيداواري حڪمت عملي

## (Rice Production Technology)

## آبهوا

سارين جي فصل لاءِ مناسب گرمي ۽ نمي واري آبهوا تمام گهڻو موزون آهي، جنهن ۾ سارين بهتر نشونما ڪن ٿيون جيڪا بهتر پيداوار جو سبب بنجي ٿي.

## زمين

سارين جي فصل لاءِ اهڙي چيڪي يا لٽياسي زمين جي چونڊ ڪجي، جيڪا زرخيز هجي ۽ نامياتي مادو چڱي مقدار ۾ رکندي هجي. سارين واري زمين ۾ نامياتي مادي کي وڌائڻ واسطي ڳريل سڙيل ڀاڻ جو استعمال ڪجي يا پلال يا سائي ڀاڻ وارن فصلن مان ڪنهن هڪ کي زمين ۾ هرن رستي ملائڻ گهرجي.

## سارين جون جنسون

سنڌ اندر سارين وارن علائقن ۾ سنڌ ۾ سارين جون هينيون جنسون پوکيون وينديون آهن.

| | |
|---|---|
| اري ـ 6 | اري ـ 8 |
| ڊي آر ـ 92 | ڊي آر ـ 82 |
| ڊي آر ـ 83 | سدا حيات |



| | | |
|---|---|---|
| ڪنول - 95 | لطيفي | |
| خوشبو - 95 | شاداب | |
| شعاع - 92 | سرشار | |
| مهڪ | شاندار | ڪي ايس - 282 |

جهڙيون جنسون پوکي ڪجن.

جڏهن ته سنڌ ۾ هن وقت سارين جون هائبرڊ جنسون به تمام گهڻي پئماني تي پوکجي رهيون آهن. جن ۾ ڪجهه نالا قابلِ ذڪر آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| گارڊ | شهنشاهه | انمول | ڊائمنڊ |

ٻ ٻين ڪيترن ئي نالن سان مارڪيٽ ۾ موجود آهن جڏهن ته هن وقت سارين جا آبادگار وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ هائبرڊ جنسن کي ترجيح ڏين ٿا.





# سارين جي مختلف جنسن جو پيجارو پوکڻ ۽ رونبي ڪرڻ جا وقت

سارين جي جنسن جو علائقي ۾ مند آهر پيجارو پوکڻ ۽ رونبو ڪرڻ لاءِ معلومات

| جنسون | اتر سنڌ (لاڙڪاڻو شڪارپور، جيڪب آباد، سکر، دادو ضلعي جا ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه تعلقا) | ڏکڻ سنڌ (ٺٽو بدين ۽ حيدرآباد ضلع جو ٽنڊو محمد خان تعلقو) |
| --- | --- | --- |
| اري- 6، اري- 8 سدا حيات | مئي جي ٻئي هفتي کان جون جي ٻئي هفتي تائين | اپريل جي ٽئين هفتي کان مئي جي ٻئي هفتي تائين |
| ڊي آر- 82 ڊر آر- 92 | مئي جي آخري هفتي کان جون جي آخري هفتي تائين | مئي جي ٻئي هفتي کان جون جي ٽئين هفتي تائين |
| ڊر آر- 83 | جون جي ٽئين هفتي کان جولاءِ جي ٻئي هفتي تائين | جون جي پهرين هفتي کان جولاءِ جي پهرين هفتي تائين |
| ڪنول- 95 | اپريل جي ٻئي هفتي کان مئي جي ٻئي هفتي تائين | اپريل جي پهرين هفتي کان مئي جي پهرين هفتي تائين |
| لطيفي | جون جي ٻئي هفتي کان جولاءِ جي پهرين هفتي تائين | مئي جي ٽئين هفتي کان جون جي آخري هفتي تائين |
| خوشبو- 95، شاداب، شعاع، سرشار، مهڪ ۽ شاندار | مئي جي ٻئي هفتي کان جون جي آخري هفتي تائين | اپريل جي ٽئين هفتي کان مئي جي آخري هفتي تائين |



# روپڻي جو وقت

| جنسون | اتر سنڌ (لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد، سکر، دادو ضلعي جا ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه تعلقا) | ڏکڻ سنڌ (ٺٽو، بدين ۽ حيدرآباد ضلع جو ٽنڊو محمد خان تعلقو) |
| --- | --- | --- |
| اري - 6، اري - 8 سدا حيات | جون جي ٻئي هفتي کان جولاءِ جي ٻئي هفتي تائين | مئي جي ٽئين هفتي کان جون جي ٻئي هفتي تائين |
| ڊي آر - 82 ڊر آر - 92 | جون جي آخري هفتي کان جولاءِ جي آخري هفتي تائين | جون جي ٻئي هفتي کان جولاءِ جي ٽئين هفتي تائين |
| ڊر آر - 83 | جولاءِ جي ٽئين هفتي کان آگسٽ جي ٻئي هفتي تائين | جولاءِ جي پهرين هفتي کان آگسٽ جي پهرين هفتي تائين |
| ڪنول - 95 | جولاءِ جي ٽئين هفتي کان آگسٽ جي ٻئي هفتي تائين | جولاءِ جي پهرين هفتي کان آگسٽ جي پهرين هفتي تائين |
| لطيفي | جولاءِ جي ٻئي هفتي کان آگسٽ جي پهرين هفتي تائين | جون جي ٽئين هفتي کان جولاءِ جي پهرين هفتي تائين |
| خوشبو - 95، شاداب، شعاع، سرشار، مهڪ ۽ شاندار | جون جي ٻئي هفتي کان جولاءِ جي ٽئين هفتي تائين | مئي جي ٽئين هفتي کان جون جي آخري هفتي تائين |

# سارين جو ٻيجارو پوکڻ

سارين جي ٻيجاري پوکڻ واسطي اهڙي زمين چونڊي تيار ڪجي، جيڪا مٿانهين جاءِ تي هجي ته جيئن اتفاقي مينهن يا ڪو ٻيو پاڻي ٻارين کي



ٻوڙي ٻيجاري کي ساڙي نه سگهي. ان کان علاوه ٻيجارو اهڙي جاءِ تي پوکجي جتي تيز هوائن کان جهل هجي پر ان مٿان صبح جي وقت سج جي روشني ضرور پوڻ گهرجي.

سارين جي ٻيجاري پوکڻ لاءِ ٻن کان ٽي هر ڏئي اڌ ويسي جون ٻاريون تيار ڪجن. تيار ٻارين اندر وتوهڙ سان ڀتر ڀچي ٻارين کي ڪوڏر سنوت ۾ آڻي انهن ۾ وٽاڻ جو سڪل ڀاڻ يا ڳتوايترو وجهڻ گهرجي جو سڙڻ کان پوءِ ٻارن ۾ سڙيل خاڪ جو ته 3 کان 4 انچ ٿئي.



جنهن کي ٻئي ڏينهن پاڻي ڏئي سفارش مطابق ٻج ڇٽجي, ان کان پوءِ ضرورت مطابق هلڪو پاڻي ڏبو رهجي ۽ ان دوران 10 کان 15 ڏينهن پوکيءَ بعد هر ٻاريءَ ۾ اڌ ڪلو گرام يوريا ڀاڻ ڏجي ته ٻيجارو ڀلو ٿيندو. جڏهن ته ٻيجارو 25 کان 30 ڏينهن بعد پٽي رونبو ڪجي.



## ٻج جو مقدار

ٻيجاري پوکڻ لاءِ تيار ڪيل اڏ ويسي جون ٻه ٻاريون هڪ ايڪڙ جي رونبي لاءِ سفارش ڪجن ٿيون ۽ هڪ ٻاريءَ ۾ ٻج جو مقدار جنس وار هيٺ ڏجي ٿو.

| جنس | اڏ ويسي جي ٻاريءَ ۾ ٻج جو مقدار |
| --- | --- |
| اري ـ 6, اري ـ 8, سدا حيات, ڊي. آر ـ 92, ڊي آر ـ 82, ڊي آر ـ 83, ڪنول ـ 95 | 6 کان 7 ڪلو گرام |
| خوشبو ـ 95, شاداب, شعاع ـ 92, سرشار, مهڪ ۽ شاندار | ½ 3, کان 4 ڪلو گرام |

## زمين جي تياري ۽ پوکي

جيڪڏهن زمين ڍڳن ذريعي تيار ڪرڻي هجي ته 3 کان 4 خشڪيءَ جا هر ڏيڻ گهرجن.



پر جيڪڏهن ٽريڪٽر استعمال ڪرڻو هجي ته پوءِ راجا هر ذريعي اونها هر ڏجن.





هر ڏيڻ بعد زمين کي 3 هفتا ڪليل ڇڏجي. ان کان پوءِ 2 هر ڪلٽيويٽر جا يا هڪ
هر پٽر پيچڻ واري هر يعني روٽاويٽر جو ڏئي زمين کي پوکيءَ لاءِ تيار ڪجي.



# پوکيءَ جا طريقا

سارين جو فصل هيٺين طريقن سان پوکيو وڃي ٿو.

## رونبي رستي پوک

سنڌ ۾ سارين جي رونبي جا ٻہ طريقا مروج آهن. هڪ لس ۽ ٻيو قطارن وارو. لس واري طريقي سان اتر سنڌ جي لاڙڪاڻي، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ دادو ضلعي



جي اترئين حصي وارن علائقن ۾ پوکي ڪئي وڃي ٿي. پر ڪوشش ڪري پوکي



قطارن واري طريقي سان ڪئي وڃي. هن طريقي واري فصل مان گندگاهه آسانيءَ سان ڪڍي سگهجي ٿو ۽ ڪيميائي ڀاڻ ۽ جيت مار دوائن جو استعمال سولو ٿئي ٿو. ان کان علاوه قطارن واري فصل ۾ ٻوٽن جو گهربل تعداد يعني 80000 کان 100000 ملي ٿو جنهن جي ڪري پيدائش سٺي لهي ٿي. قطارن واري فصل ۾ آبادگارن کي گهرجي ته اُهي ٻوٽن ۽ قطارن جي وچ ۾ 20 سينٽي ميٽرن يا 8 انچن جو مفاصلو رکن. پر جي لس واري طريقي سان رونبو ڪرڻو هجي ته پوءِ زرعي تحقيقاتي اداري ڏوڪريءَ هڪ چورس ميٽر جو ڪاٺ جو چوڪانو (فريم) ايجاد ڪيو آهي، جنهن اندر 25 سلا هڻڻ سان به گهربل ٻوٽن جو تعداد ملي وڃي ٿو. اهو استعمال ڪرڻ گهرجي. پر سارين جي فصل ۾ ٻوٽي جو ٻوٽي کان مفاصلي کي پيداوار وڌائڻ ۾ تمام گهڻي اهميت حاصل آهي.

## سارين ۾ ٻوٽي جو ٻوٽي کان مفاصلو:



سارين جي ٻوٽي جو ٻوٽي کان مناسب مفاصلو

سارين جي رونبي لاءِ ٻوٽي کان ٻوٽي جي مفاصلي جو انحصار جنس، موسم ۽ زمين جي زرخيزي تي هوندو آهي. ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو سڀني جنسن لاءِ هڪجهڙو مقرر ڪيل ناهي.



ٻوٽن جو مناسب مفاصلو 25 کان 40 سيڪڙو پيداوار وڌائي ٿو

ٻوٽن جو مفاصلو سارين جي رونبي لاءِ هڪ اهم جُز آهي. ٻوٽن جي نامناسب مفاصلي جي ڀيٽ ۾ مناسب ٻوٽن جو مفاصلو پيداوار ۾ 25 کان 40 سيڪڙو وڌائڻ جو سبب بنجي ٿو. ٻوٽن جي صحيح مفاصلي جي ڪري مزدوري، ٻج، ڀاڻ، دوا ۽ پئسن جي بچت ٿئي ٿي.






ٻوٽي جو مناسب مفاصلو سارين کي ڪِرڻ کان بچائي ٿو ۽ سارين جي ٻوٽي کي سج جي ڀرپور روشني ملي ٿي جنهن جي ڪري پيداوار ۾ واڌارو اچي ٿو.



مختلف جنسن ۾ سارين جي ٻوٽي جو مفاصلو الڳ الڳ ٿئي ٿو جيئن تہ ڊگھي قد وارين، گھٽي پنن ۽ وڏي ٻڙي وارين ۽ نازڪ ڪري پوڻ وارين جنسن ۾ ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو ننڍي قد وارين ۽ مضبوط جنسن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هئڻ گھرجي.




سارين ۾ ٻوٽي جو ٻوٽي کان مفاصلو موسم جي مطابق هئڻ سان پيداوار ۾ بهتر واڌارو ٿئي ٿو. جتي خشڪ موسم هوندي آهي اتي ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو گھٽ هئڻ گھرجي بنسبت جتي نمي واري ۽ برساتي موسم هجي اُتي ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو وڌيڪ هئڻ گھرجي ڇاڪاڻ تہ برساتي موسم ۾ وڌيڪ ڦوٽهاڙو ٿئي ٿو. جيڪو سارين جي ڪِرڻ جو سبب بنجي ٿو.




زمين جي زرخيزي جو سارين ۾ ٻوٽي جو ٻوٽي کان مفاصلي ۾ اهم ڪردار آهي. سُٺي يا زرخيز زمين ۾ مفاصلو وڌيڪ هئڻ گھرجي جيڪو سارين کي ڪِرڻ کان بچائي ٿو بنسبت خراب يا گھٽ زرخيز زمين جي.



## ڇٽ رستي پوک



هن طريقي سان ڏاکڻي سنڌ (لاڙ) جي ڪجھ علائقن ۾ ساريون پوکيون وڃن ٿيون، جنهن لاءِ تيار زمين ۾ پاڻي ڏئي ٻج ڇٽيو ويندو آهي.



## ناڙيءَ رستي پوک

هن طريقي ۾ تيار زمين کي ريج ڪرڻ کان پوءِ وٽ اڇڻ تي زمين کي ڪلٽيويٽر جا ٻه هر پويان ڳاڏي ٻڌي ڏجن. جنهن بعد ڪٽڪ وانگر ناڙي ڪجي. ليڪن



پوکيءَ لاءِ ڏهه ٻارنهن ڪلاڪ پهرين ٻج کي پُسائي رکجي ته جيئن اهو ٿورو انگورجي وڃي. ان کان پوءِ ٿوري وقت لاءِ ڪنهن صاف جاءِ تي پکيڙجي ته جيئن اهو خشڪ ٿئي ۽ بعد ۾ پوکي ڪجي ته ڦوٽهڙو سٺو ٿيندو.

## سارين جي مشيني پوک:

### 1. پاڻيءَ ۾ مشين رستي رونبو:

هن قسم جون ننڍيون ۽ وڏيون مشينون ايجاد ٿي ويون آهن. جن مان عام مشين ذريعي اٺ (08) قطارون هڪ ئي وقت رونبو ٿين ٿيون. ليڪن هنن مشينن لاءِ ٻيجارو خاص طريقي سان پوکجي ٿو جنهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.



## 2. خشڪ زمين ۾ مشين رستي رونبو:

هن پوکيءَ جي طريقي ۾ تيار زمين ۾ مشين ذريعي رونبو ڪري مٿان پاڻي ڏنو ويجي ٿو



## 3. خشڪ زمين ۾ مشين رستي ناڙي:

سارين جي سڪيءَ ۾ پوکيءَ واري طريقي کي ايروبڪ رائيس ڪلٽيويشن Arobic Rice Cultivation چيو ويجي ٿو. هن پوکيءَ واري طريقي تي تحقيقي ڪم هلي رهيو آهي. هي سارين جي پوکيءَ وارو طريقو اُنهن علائقن لاءِ وڌيڪ مناسب آهي جتي پاڻي گهٽ آهي يا زمينون پيچڙيءَ ۾ آهن. سارين جي هن ٽيڪنالاجيءَ ۾ زمين کي سڪيءَ جا چگيءَ ريت هر ڏئي زمين تيار ڪري ناڙيءَ رستي پوکي ڪجي. پوکيءَ

لاءِ قطار کان قطار جي وچ ۾ مفاصلو 8 انچ ٻيهارڻ گهرجي. ناڙي ڪرڻ کان پوءِ پاڻي ڏئي ڇڏجي.

جڏهن زمين ڏار ڏئي وڃي، جنهن ۾ عام طور تي هڪ هفتو لڳي ويجي ٿو. ان بعد پهرئين پاڻ طور هڪ ٻوري ڊي اي پي، اڌ ٻوري يوريا ۽ 12 ڪلو گرام پوٽاش في ايڪڙ ڇٽي پهريون پاڻي ڏيڻ گهرجي. اهڙي طرح ٻيو پاڻ 20 ڏينهن بعد مني ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏجي. جڏهن ته آخري پاڻ فصل جڏهن ڍڍي تي پهچي ته مني ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي. هن پوکيءَ جي طريقي ۾ هن وقت DR-92 ۽ شاهڪار جنسون ڪامياب وڃي رهيون آهن ۽ لڳ ڀڳ 40 مڻ في ايڪڙ پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي. ياد رهي ته هيءَ ٽيڪنالاجي اڃان تجربن مان گذري رهي آهي



## سارين جي مشيني پوک لاءِ نرسريءَ جي تياري:

ٻيجاري پوکڻ لاءِ ٻج کي پهريان انگورائڻ گُهرجي. اُن ٻج کي ڪنهن پاڻيءَ جي بالٽي وغيره ۾ وجهي ٿورو هلائجي ۽ جيڪو ٻج مٿي پاڻيءَ تي تري اچي تنهن کي هٿن سان ڪڍي اڇلائي ڇڏجي باقيءَ ٻج جو پاڻي هاري ڪنهن سوتليءَ جي ٻوريءَ ۾ وجهي پاڻيءَ ۾ چوويهن ڪلاڪن لاءِ ٻوڙي ڇڏي ڏجي. 24 ڪلاڪن بعد ٻج کي ڪڍي ڪنهن ڇانوري واري هنڌ تي مٿان کک ڪانا ڏئي ڍڪي 24 ڪلاڪن لاءِ ڇڏي ڏجي.

24 ڪلاڪن کان پوءِ ٻج کي جاچي ڏسجي ته جيڪڏهن ٻج ٿورو انگورجي 2 کان 3 ملي ميٽرن جوٽي ويو هجي ته اُن کي ٻيجاري پوکڻ لاءِ تيار سمجهجي. پر ان کان وڏيڪ انگورن کي وڏو ٿيڻ نه ڏجي.

مشيني ناڙيءَ لاءِ 10 ميٽر ڊگهيون ۽ 2 ميٽر ويڪريون 2 ٻيجاري جون ٻاريون في ايڪڙ ڪافي آهن. ٻيجاري جي پوکيءَ لاءِ ٻارين کي مڪمل سنوت ۾ آڻجي ته جيئن ٻيجارو هڪجهڙو ڦٽي. ٻارين جي وچ ۾ ناليون پڻ کوٽجن ته جيئن ٻيجاري جو اضافي پاڻي خارج ڪري سگهجي ۽ گهرج مطابق پاڻي ڏئي به سگهجي. ٻيجاري پوکڻ لاءِ زمين ۾ ڳريل سڙيل پاڻ يا ورميڪلچر وجهي چڱي ريت ملائجي. زمين جي گهٽي نرم هجي ته اُن ۾ ٿوري سنهي بجري پڻ ملائجي. تيار ٻارين جي مٿان هلڪي پلاسٽڪ جي شيٽ وڇائجي يا ڪيلي جا پن پکيڙجن. شيٽ مٿان ٻيجارو پوکڻ لاءِ 21 سينٽي ميٽر ويڪرو 55 سينٽي ميٽر ڊگهو ۽ 2 سينٽي ميٽر اوچو فريم تيار ڪرائي پلاسٽڪ مٿان رکجي. اُن فريم کي مٽيءَ جي تيار ڪيل گاري سان ڀرجي. جنهن بعد انگوريل ٻج 120 کان 150 گرام في خاني جي حساب سان ڇٽجي. هن فريم ۾ ڪل 12 خانه هوندا. ۽ اهڙي طرح اُهو فريم هڪ جاءِ تان کڻي وري ٻاريءَ جي ٻي جاءِ تي رکي ٻيجارو پوکجي ۽ ائين اڳتي وڌبو وڃجي. پوکي ڪرڻ بعد پکين ۽ مينهن وغيره کان بچاءَ لاءِ ٻيجاري مٿان هلڪا ڪک پن رکجن.

ٻيجاري کي 3 کان 4 ڏينهن موسم مطابق روزانو ٻه ٽي دفعا پاڻيءَ جو ڦوهارو ڪبو رهجي. ٻارين کي سڪڻ ڪڏهن به نه ڏجي ۽ چوٿين ڏينهن کک پن هٽائي ٻيجاري جي ڦوٽهڙي کي جاچجي. جيڪڏهن ٻيجارو سائو ۽ 2 کان 2 ½ انچن جوٽي ويو هجي ته پلال هٽائي پاڻي اهڙي طرح ٻارين ۾ ڇڏجي جيئن ٻيجارو اڌ تائين پاڻيءَ ۾ اچي وڃي.

ٻيجاري جي روزانو جاچ ڪبي رهجي جيت جڙيون نظر اچي ته هڪدم ڪنهن زرعي صلاحڪار سان مشورو ڪري ضابطو آڻجي. ٻيجاريءَ جي پوکائيءَ کان پوءِ

17 ڪان 18 ڏينهن سلا 12.5 سينٽي ميٽرن ڪان 15 سينٽي ميٽرن جا ٿي ويندا. عام طور تي ٻيجاري جي سلن ۾ 3 ڪان 4 پن نڪري اچن ته ٻيجاري کي ڪڍي مشين ذريعي يا عام طريقي سان رونبو ڪجي. هن طريقي سان ٻيجاري پوکڻ جا هيٺيان فائدا ٿين ٿا:

1. ڦوٽهڙو پلو ٿئي ٿو جنهن جي ڪري گهٽ ٻج ۾ وڏيڪ ٻيجارو تيار ٿئي ٿو.
2. پلاسٽڪ تي پوکڻ سان تيار ٻيجاري کي ڪڍڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ۽ ٻيجاري جي پاڙن کي نقصان نٿو ٿئي.
3. ٻيجاري کي ڪڍڻ تي گهٽ مزدوري ۽ ٿورو وقت لڳي ٿو.
4. ٻيجاري سان پوکائي آسان ٿئي ٿي.



# ڀاڻ:

سڀ ڪان پهرين زمين جي چڪاس ڪرائڻ گهرجي تہ زمين کي ڪهڙي ڀاڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن ان مطابق ڀاڻ ڏجي.



سارين جي رونبي کان اڳ هڪ يا ڏيڍ ٻوري ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا يا ٻہ ٻوريون مونو امونيم فاسفيٽ جون ۽ هڪ ٻوري سلفيٽ آف پوٽاش يا ٻہ ٻوريون زرخيز في ايڪڙ جي حساب سان استعمال ڪجن. هڪ ٻوري يوريا ڀاڻ جي ۽ زنڪ رونبي کان 15 ڏينهن بعد ۽ هڪ ٻوري رونبي جي 40 کان 45 ڏينهن بعد ۽ ٽئين ٻوري رونبي کان 65 کان 70 ڏينهن بعد ڏيڻ گهرجي.



# پاڻ ڏيڻ جو وقت ۽ مقدار

| جنسوار ڪيميائي پاڻن جون سفارشون | |
|---|---|
| سفارش ڪيل مقدار في ايڪڙ | پاڻ ڏيڻ جو وقت |
| 1. اري ـ 6، اري ـ 8، ڊي آر ـ 92، ڊي آر ـ 82، ڪنول ـ 95<br>ٻہ ٻوريون يوريا ۽ سوا ٻوري ڊي اي پي يا اڍائي ٻوريون يوريا ۽ پوڻيون ٽي ٻوريون ايس ايس پي. | رونبي کان هڪ يا ٻہ ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا يا هڪ ٻوري يوريا ۽ پوڻيون ٽي ٻوريون ايس ايس پي زمين ۾ ڇٽي مٿان ريج ڏجي جڏهن تہ باقي رهيل يوريا مان مني ٻوري رونبي کان 20 ڏينهن بعد ۽ مني ٻوري رونبي کان 40 کان 50 ڏينهن بعد |
| 2. ڊي آر ـ 83<br>سوا ٻوري يوريا ۽ مني ٻوري ڊي اي پي يا ڏيڍ ٻوري يوريا ۽ پوڻيون ٻہ ٻوريون ايس ايس پي | رونبي کان هڪ يا ٻہ ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي اي پي ۽ مني ٻوري يوريا يا اڌ ٻوري يوريا ۽ پوڻيون ٽي ٻوريون ايس ايس پي ڏجي. جڏهن تہ باقي يوريا جي رهيل وزن مان اڌ رونبي کان 15 کان 20 ڏينهن بعد ۽ ٻيو رونبي کان 35 کان 40 ڏينهن بعد |
| 3. لطيفي<br>سوا ٻوري يوريا ۽ سوا ٻوي ڊي اي پي | رونبي کان هڪ يا ٻہ ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي اي پي ۽ يوريا جي ٻوريءَ جو چوٿون حصو ڏجي. جڏهن تہ باقي يوريا جي رهيل وزن جو اڌ رونبي کان 15 کان 20 ڏينهن بعد ۽ ٻيو اڌ رونبي کان 35 کان 40 ڏينهن بعد |

| | |
|---|---|
| **4. سدا حيات**<br>ٻہ ٻوريون يوريا ۽ سوا ٻوري ڊي اي پي يا اڍائي ٻوريون يوريا ۽ پوٽيون ٽي ٻوريون ايس ايس پي | رونبي کان هڪ يا ٻہ ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا يا هڪ ٻوري يوريا ۽ پوٽيون ٽي ٻوريون ايس ايس پي ڏجي جڏهن تہ پوٽيون ٽي ٻوريون ايس ايس پي ڏجي جڏهن تہ رهيل يوريا جو هڪ حصو رونبي کان 20 ڏينهن بعد ۽ ٻيو حصو 50 کان 55 ڏينهن بعد ڏجي. |
| **5. خوشبو- 95**<br>ڏيڍ ٻوري يوريا ۽ هڪ ٻوري ڊي اي پي | مني ٻوري يوريا ۽ هڪ ٻوري ڊي اي پي پوکيءَ کان پهريائين بنيادي وزن طور ۽ باقي رهيل مني ٻوري يوريا ٻِٻو نسرڻ وقت ڏجي. |
| **6. شاداب، شعاع- 92، سرشار مهڪ ۽ شاندار**<br>اڍائي ٻوريون يوريا ۽ سوا ٻوري ڊي اي پي يا اڍائي ٻوريون يوريا ۽ ٽي ٻوريون ايس ايس پي | يوريا پاڻ جو اڌ وزن ۽ ڊي اي پي جو سمورو مقدار پوکيءَ کان پهرين بنيادي وزن طور ۽ نائٽروجن پاڻ جو اڌ وزن ٻِٻر نسرڻ وقت ڏجي. |
| **7. هائبرڊ**<br>ٽي ٻوريون يوريا ۽ ڏيڍ ٻوري ڊي اي پي يا ٻہ ٻوريون مونو امونيم فاسفيٽ ۽ هڪ ٻوري سلفيٽ آف پوٽاش يا اڍائي ٻوريون يوريا ۽ ٻہ ٻوريون زرخيز | رونبي کان هڪ يا ٻہ ڏينهن اڳ ۾ سمورو ڊي اي پي ۽ اڌ ٻوري يوريا يا هڪ ٻہ ٻوريون زرخيز يا ٻہ ٻوريون امونيم فاسفيٽ ۽ هڪ ٻوري سلفيٽ آف پوٽاش ڏجي. جڏهن تہ رهيل يوريا جو هڪ حصو رونبي کان 20 ڏينهن بعد ۽ ٻيو حصو 50 کان 55 ڏينهن بعد ڏجي. |

# پاڻي

ٻيجارو هڻڻ کان 4 کان 6 ڏينهن پهرين ايترو ريج ڪجي، جيئن رونبي وقت زمين ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ انچ پاڻي بيٺل هئڻ گهرجي جنهن ۾ رونبو ڪجي. ان بعد آهستي آهستي فصل ۾ 3 کان 4 انچ تائين پاڻي وڌائڻ گهرجي. فصل مان بيٺل پاڻي نيڪال بہ ڪبو رهجي. اهڙي طرح لاباري کان 10 يا 15 ڏينهن پهرين پاڻي بند ڪرڻ گهرجي.



جڏهن تہ ناڙي واري پوک ۾ فصل ۾ ڦوٽهڙي بعد پهريون پاڻي ڏجي ۽ باقي پاڻي مٿئين طريقي موجب ڏجن. اهڙي طرح چٽ ۾ وري شروعات ۾ ٿئي تڪڙا پاڻي ڏبا اچن تہ جيئن ڦوٽهڙو جلد ۽ سٺو ٿئي.

نوٽ:

ڪيميائي ڀاڻ جي متوازن استعمال بابت هتي صرف وچولي قسم جي زمينن لاءِ سفارشون مرتب ڪيل آهن زمينن جي مختلف قسمن ۾ ڀاڻ جي صحيح استعمال لاءِ آبادگار ڀائرن کي گهرجي تہ پنهنجي زمينن جي مٽيءَ جي چڪاس ڪرائين.



# زنڪ جو استعمال

ڪلراٺي هيٺاهين، سخت چيڙهالين زمينن ۾ جتي لڳاتار پاڻي بيهي ٿو. اُتي زنڪ جي کوٽ ٿئي ٿي عام طرح سان زنڪ جي کوٽ جون فصل ۾ هيٺيون نشانيون ٿين ٿيون.



زنڪ جي گهٽتائي جي متاثر ساريون

پن تي زنڪ جي گهٽتائي جي نشاني

1. ٻوٽي جي واڌ بيهجي وڃي ٿي.
2. تيلن جو تعداد گهٽجي وڃي ٿو.
3. پنن جو رنگ ڇهچ سائو ٿي وڃي ٿو.
4. پنن تي ڪٽ جهڙا داغ ٿين ۽ ڇوٽيون سڪڻ لڳن ٿيون. جست (زنڪ) جي کوٽ جي حالتن ۾ زنڪ سلفيٽ (20 سيڪڙو) 16 ڪلوگرام في ايڪڙ يا آسٽريليا يا چائنا جو ٺهيل زنڪ سليفٽ (36 سيڪڙو) 9 ڪلوگرام في ايڪڙ جي حساب سان اوتري ئي سڪل مٽي يا يوريا ڀاڻ سان ملائي فصل ۾ رونبي کان 15 کان 20 ڏينهن بعد ڇٽڻ گهرجي.



# گندگاهہ

ٻين فصلن جيان سارين ۾ ٻہ ڪيترن ئي قسمن جا گندگاهہ ٿين ٿا. جيڪي فصل جي ڪاڌ خوراڪ، هوا، پاڻي، روشني ۽ جاءِ ۾ ڀاڱيوار ٿين ٿا. جن جي ڪري نہ رڳو



پيداوار گهٽ ملي ٿي پر ساڳئي وقت انهن جي ڪري جيت جڻين جو حملو پڻ ٿئي ٿو. ان ڪري فصل مان گندگاهہ جو خاتمو آڻڻ ضروري آهي ۽ اهو خاتمو وقتائتو ڪرڻ گهرجي. هن وقت مارڪيٽ ۾ ڪيترن ئي قسمن جون سارين جي

فصل مان گندگاهہ کي ختم ڪرڻ لاءِ دوائون موجود آهن. جيڪي رونبي جي چار ڏينهن اندر بيئل پاڻيءَ ۾ استعمال ڪرڻ سان گندگاهہ تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.



سارين ۾ هٿ سان گندگاهہ ڪيڻ جو عمل

ان ڪان علاوه هٿرادو طور تي بہ سارين جي رونبي ڪان 15 ڏينهن بعد گندگاهہ ڪيڻ شروع ڪجي ۽ جلد ئي گندگاهہ ڪيڻي فصل کي صاف ڪجي تہ جيئن فصل جي واڌ ويجهہ بهتر ٿئي ۽ پيداوار سٺي ملي.

## گوٽ پرڻ

فصل ۾ ڪن سببن جي ڪري گوٽ ٿي پوندي آهي. جنهن کي پرڻ لازمي هوندو آهي. جي نہ تہ سفارش ڪيل ٻوٽن جو تعداد پورو ناهي بيهندو ۽ پيداوار گهٽ

ملندي آهي، ان لاءِ لازمي آهي تہ ٻيجارو ٿورو ضرورت کان وڌيڪ پوکجي ۽ روپڻي وقت اهو بچائي ڇڏجي ۽ پوءِ ضرورت موجب جتي فصل ۾ گوٽ نظر اچي تہ ان کي فوري طور تي پرڻ گھرجي.

## جيت

سارين جي فصل تي عام طرح سان ڏانڊيءَ واري پيلي ڪينئين، ڏانڊيءَ واري سفيد ڪينئين، ڏانڊيءَ واري گلابي ڪينئين، پتاپتي ڪينئين، اڇي پتي واري مهلي، پن ويڙهي ۽ ڳاڙهي جُونءِ جو حملو ٿئي ٿو.

### 1. سارين جا ڪينئان يا گڏر:

1. گلابي گڏر ۽ پتنگ 2. پتاپتي گڏر ۽ پتنگ 3. پيلي گڏر ۽ پتنگ

هي ڪينئان فصل کي شروعاتي دور ۾ نقصان پهچائين ٿا. انهن جيتن جو حملو وڏي ڇمار وارن ٻيجارن تي شروع ٿئي ٿو. جيڪو بعد ۾ روپڻي ٿيل فصل تي



اٽڪل 5 کان 6 هفتا پوءِ شروع ٿئي ٿو. ڪينئن جو حملو مختلف صورتن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ڪيئين جي حملي کان بچڻ لاءِ زمين جي تياريءَ وقت سُڪيءَ جا اونها هر ڏئي ٻيون پاڙان پٽڻ گھرجن. اهڙي طرح ڪينئن خلاف قوت مدافعت رکندڙ سارين جون جنسون پوکجن. جڏهن تہ ٻيجارو سفارش ڪيل وقت تي ئي پوکڻ گھرجي. ٻي صورت ۾ پاڇاتي پوکيل ٻيجاري ۾ ڪينئن جو حملو ٿئي ٿو. پر

ڪنهن بہ سبب جي ڪري جيڪڏهن حملو ٿي پوي تہ فصل تي داڻيدار دوا جي استعمال سان بچاءُ ڪجي.



رونبي ٿيل فصل ۾ ڪينئن کان بچاءُ لاءِ هيٺ ڄاڻايل داڻيدار دوائن مان ڪا بہ هڪ پهريون پيرو رونبي بعد 35 کان 40 ڏينهن دوران ۽ ٻيو پيرو 55 کان 60 ڏينهن دوران استعمال ڪرڻ گهرجي.

| داڻيدار دوائن جو في ايڪڙ وزن | |
|---|---|
| 1. پاڊان 4 سيڪڙو | 9 ڪلو گرام في ايڪڙ |
| 2. ورٽاڪو 6 سيڪڙو | 4 ڪلو گرام في ايڪڙ |
| 3. فيوراڊان 3 سيڪڙو | 9 ڪلو گرام في ايڪڙ |
| 4. روٽاپ 4 سيڪڙو | 10 ڪلو گرام في ايڪڙ |

### نوٽ:

داڻيدار دوا جي استعمال کان اڳ ٻنن جي ڏارن ۽ ٻرن وغيره کي آلي مٽيءَ سان ليپو ڏجي تہ جيئن دوا لڳل ٻارن جو پاڻي ٻين ٻارن ڏانهن وهي نہ وڃي ۽ فصل ۾ پاڻيءَ جي سطح 4 کان 6 انچ بيهارڻ گهرجي. ان کان علاوه آبادگارن کي گهرجي تہ اُهي فصل کي روزانو جاچيندا رهن ۽ جيئن ئي پتنگن جو تعداد وڌيڪ ڏسن تہ ڪنهن ويجهي زرعي ڪارڪن جي صلاح سان دوا جو فوري استعمال ڪن. جيئن تہ مٿي ڄاڻايل ڪينئان سڳداسي، باسمتي يا ٻين ديسي جنسن تي وڌيڪ حملو ڪن ٿا. تنهنڪري اهڙين جنسن ۾ وڌيڪ خيال ڪجي ۽ دوا جو استعمال مناسب ۽ وقتائتو ڪجي.

# اڇي پٺيءَ وارو مهلو



اڇي پٺيءَ وارو مهلو يا سارين جي الي هن فصل کي گهڻو نقصان پهچائي ٿي. هي جيت ننڍڙو ٿئي ٿو. جيڪو فصل ۾ بيٺل پاڻيءَ جي مٿان نظر ايندو آهي ۽ فصل جي ٻوٽن تي هيٺيان کان حملو ڪندو آهي. جنهن ۾ ٻوٽن جي رس چوسي انهن کي سڪائي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪي سڙي ختم ٿي ويندا آهن.



هن جيت جي نقصان کان بچڻ لاءِ پاڇاٽي پوک نہ ڪرڻ گھرجي. ٻارن جا ٻنا هميشہ ننڍا ناهڻ گھرجن. ڇاڪاڻ تہ وڏن ٻنن جي ڪري فصل ۾ هوا ۽ اُس چڱي طرح نٿي لڳي جنهن ڪري مهلو وڌي ٿو. اهڙي طرح جن علائقن ۾ هي جيت شديد حملو ڪري ٿو. اتي هن جيت لاءِ قوت مدافعت رکندڙ جنسون جهڙوڪ:

سدا حيات پوکڻ گھرجن ساڳئي وقت فصل کي گھاٽو ٿيڻ نہ ڏجي. گھاٽي فصل مان هوا ۽ اُس گھٽ گذري ٿي ۽ هي جيت گھاٽي فصل اندر تڪڙي واڌ ويجهہ ڪري گھڻو نقصان ڏئي ٿو. فصل اندر هوا ۽ اُس جي صحيح گذر لاءِ جڏهن قطارون پاڻ ۾ ملي وڃن تہ هٿن سان هر پنجن قطارن کان پوءِ پها ناهجن يعني ٻوٽن کي هٿن جي مدد سان ڇڏائي وٿي ناهجي تہ جيئن فصل کي اُن وٿيءَ ذريعي هوا ۽ اُس ملي. ائين ڪرڻ سان اليءَ جو نقصان گھٽ ٿيندو. اليءَ کان بچاءَ فصل پوکڻ کان اڳ ۾ ٻنيءَ ۾ ٻيئل وڻن جي ڇانگ ڪرڻ گھرجي تہ جيئن فصل ۾ ڇانورو نہ ٿئي.

نائٽروجني ڀاڻن جي غلط استعمال جي ڪري بہ هن جيت جو حملو وڌيڪ ٿئي ٿو. عام طرح سان آبادگار فصل کي سفارش ڪيل ڀاڻ جي مقدار کان وڌيڪ مقدار



ڏين ٿا. جنهن جي ڪري فصل پِل ڪري وڃي ٿو ۽ سائي چهچ فصل تي الي عاشق هئڻ ڪري گهڻو حملو ڪري ٿي. ان ڪان علاوه ان ڳالهه جو بہ خاص خيال رکجي تہ سارين جي رونبي ڪان 55 ڏينهن بعد نائٽروجن وارو ڀاڻ ڏيڻ سان فصل کي ڪو بہ فائدو نٿو ٿئي پر ان جي ڪري اليءَ جو مسئلو شدت اختيار ڪري وڃي ٿو.

**بچاءُ:**

اڇي پنيءَ واري مهلي جي نقصان ڪان بچاءُ لاءِ آميڊا گروپ جي ڪنفيڊور يا ايسيٽاامپرڊ گروپ جي موسپلان استعمال ڪري سگهجي ٿو.

## سارين جو پن ويڙهو



هن جيت جي موجودگيءَ جي جانچ رونبي بعد 40 ڪان 45 ڏينهن ڪان پوءِ شروع ڪجي. هن جيت جو بہ حملو چانوري واري هنڌ. گهاٽي فصل ۾ گهڻي ڏنل نائٽروجن واري فصل ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو. جنهن جو خيال رکڻ گهرجي.





هي جيت فصل جا پن ٽڪي ٿو ۽ انهن کي ويڙهي ڇڏي ٿو. پن ويڙهي جا جوان پوپٽ ناسي رنگ جا ٿين ٿا. جيڪي ٻوٽن کي لوڏڻ سان اُڏامڻ لڳن ٿا. جيڪڏهن في ٻوٽي ۾ 2 کان 3 پن ويڙهيل نظر اچن ته دوا جو استعمال ڪرڻ گهرجي.

### بچاءُ:

سارين جي پن ويڙهي کان فصل کي بچائڻ لاءِ پيرا ٿرائيڊ گروپ جون دوائون يعني لمڊا سيهائيلوٿرين ۽ ان سان ملندڙ دوائون استعمال ڪجن.

# سارين جي جونءِ

هي جيت سارين ۾ روئبي بعد 20 کان 25 ڏينهن کان وٺي خاص طور تي ڪسين جي پاسن تي نظر اچن ٿا. اهڙي طرح هن جيت جي شروعات ۾ غير هموار زمين ۾



پاڻيءَ جي سطح کان مٿي بيٺل ٻوٽن ۾ حملو ٿئي ٿو. تنهن ڪري زمين کي هموار بنائي پوکي ڪجي ته جيئن سڄي فصل کي پاڻي هڪجهڙو ملي ۽ ڪسين ۽ ٻنن وغيره جي ڪناري سان ٿيل ڳنڍيير گاهه کي جلد ختم ڪجي.

هي جيت عام طور تي جسامت ۾ تمام ننڍڙا ۽ ٻوٽن جي ٻاهرين پنن اندر ڏانڊين کي ڇهٽيل نظر ايندا آهن. جيڪي ٻوٽن جو رس چوسي وٺندا آهن ۽ نتيجي ۾ متاثره ٻوٽن جي واڌ ويجهه رُڪجي ويجي ٿي. ٻوٽا پيلا ٿي سُڪي وڃن ٿا ۽ سنگ ننڍا خالي يا ان جا داڻا گهٽ تعداد ۾ ٿين ٿا.

جيڪڏهن فصل ۾ جونءِ جو حملو نظر اچي ته پوءِ روئبي جي 35 کان 40 ڏينهن تي ڪنهن به هڪ داڻيدار دوا جو متاثره فصل تي استعمال ڪجي.

### بچاءُ:

سارين جي جونءِ کان فصل کي بچائڻ لاءِ ڊائفن ٿيوران گروپ جون دوائون يا ڪابه مائٽي سائڊ يا ان سان ملندڙ دوائون استعمال ڪجن.

# بيماريون

## 1. رتيءَ جي بيماري:

هن بيماريءَ جي حملي سبب پنن، ڏانڊين ۽ داڻن جي ڇلرن تي داغ ظاهر ٿيندا آهن ۽ شديد حملي جي صورت ۾ پن ڪريو پون ۽ داڻا سوڪ ڪائي ڪارا ٿيو وڃن. هن بيماريءَ جا جيوڙا ٻج سان گڏ زمين مان ڦٽندا آهن.



**بچاءُ:** بيماريءَ کان پاڪ صاف ۽ صحتمند ٻج استعمال ڪجي. حملي جي صورت ۾ اسڪور 150 ملي ليٽر في ايڪڙ يا ڊائيفينوڪونازلول 150 ملي ليٽر في ايڪڙ تي اسپري ڪجي.



## 2. ڪاٽيءَ جي بيماري:

هن بيماريءَ جو سڌو سنئون حملو داڻن تي ٿئي ٿو. داڻن جي ڦرجڻ مهل هن بيماريءَ جا تخم زمين مان اُڏامي داڻن تي حملي آور ٿيندا آهن ۽ جڏهن داڻا پچي راس ٿين ٿا تہ بيمار داڻا ڦاٽيو پون. جن مان چانور بجاءِ ڪارو ٻورو يا پائوڊر نڪري ايندو آهي.



**بچاءُ:** بيماريءَ کان پاڪ صاف ۽ صحتمند ٻج استعمال ڪجي. حملي جي صورت ۾ اسڪور 150 ملي ليٽر في ايڪڙ يا ڊائيفينوڪونازلول 150 ملي ليٽر في ايڪڙ تي اسپري ڪجي.

## احتياطي اُپاءَ:

ٻج کي پوکڻ کان اڳ بيمارين جي بچاءَ واري دوا لڳائي پوءِ پوکجي ۽ ٻج صحتمند پوکڻ گهرجي. سارين واري زمين ۾ پوٽاش جي کوٽ روڪڻ واسطي پوٽاش وارو ياڻ ڏيڻ گهرجي. پوک پاڇاٽي نہ ڪجي ۽ ياڻ جو سفارش ڪيل مقدار ڏجي. فصل مان گندگاهہ صاف ڪبو رهجي. پر اتفاقي حملي جي صورت ۾ حد جي زرعي ڪارڪن سان رابطو ڪري دوا جو استعمال ڪجي.

## ڪوئن کان بچاءَ:



ڪوئن کان فصل لاءِ راڪومن يا ڪلورو فيسيٽان بيٽ استعمال ڪرڻ گهرجي يا ڏرڙن ۾ سائي ماگ پائوڊر واس ڪرڻ گهرجي، يا وري فاسٽاڪسن جي هڪ ٽڪي هڪ ڏوڙ ۾ استعمال ڪجي ۽ ان کان ڏرڙ کي مٽي سان بند ڪرڻ گهرجي.

# لابارو

جڏهن ساريون 95 سيڪڙو پچي وڃن ۽ سنگ ۾ پلال جهڙو رنگ ڏيکارين تہ لابارو شروع ڪجي. لاباري ڪرڻ وقت سارين جون سٿريون ترتيبوار ۽ هڪ ڪريون ڪري ٻڌجن ۽ اتي ئي زمين ۾ 2 کان 4 ڏينهن سڪڻ لاءِ ڇڏجن.



پراڻو هٿرادو طريقي سان لابارو ڪرڻ

ان ڪانپوءِ سڪل فصل کي مٿانهين صاف پڪي جاءِ تي ڍير ڪري ان کي ڳاهي ڳاهجي. فصل جو جيتن ڪوئن ۽ پکين کان بچاءُ ڪجي. پر گهٽا ٽوٽا بہ نہ ٿين ۽ گهٽي نقصان کان بچاءُ ٿئي ٿو ۽ اگهہ بہ سٺو ملي ٿو.



اڄڪلهه سارين جي لاباري لاءِ ڪمبائن هارويسٽر اچي ويا آهن، جن مان گهڻي ايراضي وارن آباگارن سميت هر قسم جي آبادگار کي فائدو حاصل ٿئي ٿو.

ڪمبائن هارويسٽر جي استعمال سان وقت ۽ مزدوريءَ جي بچت سان گڏ لاباري ۽ لاباري کان پوءِ وارا نقصان گهٽجي وڃن ٿا. سارين مان چڙهائيءَ دوران ٽوٽا تمام گهٽ لهن ٿا. فصل جلدي لابارو ٿي وڃي ٿو ۽ ٻئي فصل پوکڻ لاءِ وقت ملي وڃي ٿو. اڄڪلهه سارين جي لاباري لاءِ ڪمبائن هارويسٽر موجود آهن، جنهن مان فائدو حاصل ڪجي.





ڪمبائن هارويسٽر جي استعمال سان وقت ۽ مزدوريءَ جي بچت سان گڏ لاباري ۽ لاباري کان پوءِ وارا نقصان گهٽجي وڃن ٿا. سارين مان چڙهائيءَ دوران ٽوٽا تمام





هٿ سان سارين جو ڳاهه



ٿريشر ذريعي سارين جو ڳاهه

گهٽ لهن ٿا. فصل جلدي لاباري ٿي وڃي ٿو ۽ ٻئي فصل پوکڻ لاءِ وقت ملي وڃي ٿو. انهيءَ سان گڏ سارين جو معيار بہ سٺو ٿئي ٿو. ان کان سواءِ لاباري ۽ ڳاهه لاءِ ريپر ۽ ٿريشر جهڙيون مشينون پڻ موجود آهن.

اهڙي طرح ننڍن ۽ وچولن آبادگارن هارين نارين جي سهولت لاءِ ننڍيون مختلف مشينون بہ اچي رهيون آهن جن ۾ لاباري لاءِ ريپر ۽ هٿ سان لاباروڪرڻ واري مشين شامل آهن.





ان سان گڏ ٿريشر جهڙيون مشينون پڻ موجود آهن.

# اسٽوريج

سارين کي اسٽور ڪرڻ کان پهرين چڱي طرح اُس ۾ سڪائڻ تمام گهڻو ضروري آهي، ڇو ته هن صورت ۾ سارين ۾ موجود نمي يا گهم جي ڪري گرمي جو درجه حرارت تمام گهڻو وڌي ويندو آهي، ان کان علاوه سارين ۾ ڦڦوندي (Fungus) لڳي ٿي، جنهن جي ڪري چانور جو معيار ۽ ذائقو تمام گهڻو متاثر ٿئي ٿو. ان لاءِ سارين کي سج جي روشني ۾ هڪ ٻه ڏينهن سڪائڻ ضروري آهي ته جيئن گهربل معيار کي برقرار رکي سگهجي.





چانورن کي اسٽور ڪرڻ جو مقصد آهي تہ چانورن کي موسم جي اثر کان، گِهم کان، ڪوئن کان، پکين کان، نقصانڪار جيتن کان ۽ بيمارين جي جيوڙن کان بچائڻ. جنهن لاءِ هيٺين ڳالهين جو ذهن ۾ رکڻ تمام گهڻو ضروري آهي.



1. چانورن جي نمي .14%w.b تائين يا ان کان گهٽ هئڻ گهرجي.
2. چانورن جون ٻوريون سڌو سنئون فرش تي نہ رکڻ گهرجن. ان لاءِ ٻورين کي فرش کان 20 سينٽي ميٽر مٿي اونچائي واري منجڻ (رينڪ) تي رکڻ گهرجي.
3. چانورن کي جيترو ڊگهو عرصو رکڻو هجي اوترو گِهم يا نمي گهٽ هئڻ گهرجي.
4. چانور چاهي کائڻ لاءِ هجن يا ٻج لاءِ. .14%w.b کان مٿي گِهم سنوار (فنگس) جي پيدا ٿيڻ جو سبب بنجي ٿو. جيڪو تمام گهڻو جلدي ڪاڏي واري مقدار کي نقصان ڏي ٿو.



# سارين ۾ ٻيون پوکون

جيئن ته اڄڪلهه دريائي پاڻيءَ جي کوٽ آهي، ان ڪري موجود پاڻيءَ مان وڌ ۾ وڌ فائدو وٺڻ تي زور ڏنو وڃي ٿو ۽ سارين واري زمين جي وري صورتحال اُها آهي ته لاباري کان پوءِ به گهڻي وقت تائين اُن زمين ۾ ريج رهي ٿي. ان ڪري سارين جي بيٺل فصل اندر آخري وقت ۾ پوازي، سورج مکي، سرنهن، چڻا يا مٽر ٻوڙاري فصل طور پوکڻ گهرجن. جيڪي سارين کي ڏنل پاڻيءَ ۽ پاڻ تي ئي تيار ٿين ۽ اُهي سارين کي نقصان به نٿا پهچائين.

## سارين جي زمين زيرو ٽيلج تي ڪڻڪ:

جيئن مٿي ذڪر ڪيو آهي ته سارين واري زمين ۾ سارين جي لاباري کان پوءِ به ريج هوندي آهي، اُن کي استعمال ڪرڻ جو بهترين زيروٽيلج ناڙيءَ رستي ڪڻڪ پوکڻ آهي. ان لاءِ سارين جي لاباري کان پوءِ زمين کي هرقار ڏيڻ بنا ئي زيرو ٽيلج ناڙيءَ رستي ڪڻڪ جي ناڙي ڪرڻ گهرجي. جنهن سان هڪ ته ڪڻڪ جو فصل وقتائتو پوکجي ويندو ۽ ٻيو ته ڪڻڪ جي پوکيءَ لاءِ تيار ٿيندڙ زمين تي ايندڙ خرچ به بچي پوندو.

نوٽ: سارين واري زمين ۾ هر ڏيئي پوکڻ ئي بهتر آهي. پر جي ڪڻڪ جي پوکيءَ لاءِ وقت نه ملي ان صورت ۾ زيروٽيلج تي ڪڻڪ پوکجي.

نوٽ: سارين واري زمين ۾ هر ڏيئي ڪڻڪ پوکڻ ئي بهتر آهي. پر جي ڪڻڪ جي پوکيءَ لاءِ وقت نه ملي ان صورت ۾ زيروٽيلج تي ڪڻڪ پوکجي.





Integrated Pest Management (IPM)

# جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي جي گڏيل حڪمت عملي

جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي واري گڏيل حڪمت عملي (IPM) اهڙي سوچ جو نالو آهي، جيڪا ماحول دوست هوندي نقصانڪارن تي ضابطي آڻڻ لاءِ مختلف حرفتن ۽ حربن کي ڪم آڻڻ ۾ آبادگارن جي مدد ڪري ٿي. آءِ پي ايم ۾ نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي وارن موجود طريقن کي اهڙي طرح استعمال ڪرڻو هوندو آهي، جنهن سان سمورن جاندارن سميت ماحول وغيره کي گهٽ کان گهٽ نقصان رسي ۽ نقصانڪارن جي ضابطي تي خرچ پڻ گهٽ اچي. آءِ پي ايم ۾ ڪيميائي ۽ غير ڪيميائي هٿي نقصانڪارن جي ضابطي وارا طريقا گڏيل طور تي استعمال ڪيا وڃن ٿا. پر ڪيميائي ضابطي يعني زرعي زهرن پيسٽيسائيڊس کي آخري اوزار طور استعمال ڪرڻو هوندو آهي.

عام طور تي اِها سوچ آهي ته جيتن ۽ بيمارين کي صرف زرعي زهرن جي ڦوهارن سان ئي ناس ڪري سگهجي ٿو پر حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي. حقيقت هيءَ آهي ته فصلن اندر قدرتي طرح سان هر



وقت نقصانڪار ۽ فائديمند جيت موجود هوندا آهن. جن مان نقصانڪار اُهي آهن جيڪي فصل کي ڪائي آبادگار کي نقصان رسائن ٿا جهڙوڪ: مهلو جوُن، اچي مک، ڪينئان وغيره.



فائديمند جيت وري اُهي آهن، جيڪي فصلن کي نٿا نقصان رسائن پر اُهي نقصانڪار جيتن کي پنهنجي خوراڪ طور استعمال ڪن ٿا، جهڙوڪ: ٽنڊڻيون، پنيوريون، ڪرائيسوپا وغيره.







فائديمند جيت نہ صرف نقصانڪارن کي ڪائي ناس ڪن ٿا پر ڪي فائديمند فصل جي گلن ۾ لڳ جو عمل ڪرائڻ ۾ مددگار ٿين ٿا جنهن جي نتيجي ۾ پيداوار وڌيڪ لهي ٿي. اهڙن فائديمند جيتن ۾ سري فهرست ماکي جي مک اچي ٿي. جيڪا غير ضروري

زرعي زهرن جي استعمال جي ڪري مري وڃي ٿي.

نقصانڪار ۽ فائديمند جيتن جي وچ ۾ جنگ فصل پوکڻ شرط ئي شروع ٿي ويندي آهي. اُن جنگ ۾ فائديمند جيتن جي ڪاميابيءَ لاءِ بنيادي ڪردار هاري ۽ آبادگار کي ادا ڪرڻو هوندو آهي. آبادگار جي ٿوري به اڻڄاڻائي ۽ لاپرواهيءَ سان فائديمند جيت نقصانڪار جيتن کان هارائي وڃن ٿا. اُهو ڪهڙي طرح ٿئي ٿو، اُها ڳالهه آبادگار کي چڱي طرح سان سمجهڻي ۽ سمجهائڻي هوندي آهي. ان سلسلي ۾ آءِ پي ايم جا بنيادي اصول آهن جن تحت عمل ڪرڻ سان ئي بهتر نتيجا ملن ٿا، جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

## 7. جيتن ۽ بيمارين جي شدت مطابق قدم کڻڻ:

آءِ پي ايم ۾ ان ڳالهه جو خاص خيال رکڻو هوندو آهي تہ جيتن يا بيمارين جي شدت يا حملو ڪيترو آهي؟ آبهوا ڪيئن آهي؟ اُن مطابق قدم کڻڻو هوندو آهي. ائين بلڪل ناهي ڪرڻو هوندو تہ فصل ۾ هڪڙو بہ نقصانڪار جيت ڏسڻ شرط ڦوهارا شروع ڪري ڏجن. ڏسڻو اِهو هوندو آهي تہ نقصانڪار جيت نقصان واري حد تي تہ نہ پهتا آهن ۽ جي پهتا آهن تہ ڪهڙي تدبير ڪرڻ گهرجي؟ وغيره. اهڙي طرح آبهوا کي بہ ذهن ۾ رکڻو هوندو آهي، جيئن مثال طور جيڪڏهن آبهوا خشڪ ۽ گرم آهي ۽ فصل ۾



جوُن جو حملو ٿئي تہ اُن تي صرف خالي صاف پاڻيءَ جو ڦوهارو ڪرڻ سان جوُن تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.



پر خشڪ ۽ گرم موسم ۾ جڏهن جهولا هجن ۽ فصل ۾ جوُن جو حملو ٿيڻ شرط جوُن خلاف جيڪڏهن ڪنهن پيسٽيسائيڊ جو ڦوهارو ڪبو تہ اُن سان فصل ۾ وڌيڪ خشڪي ٿيندي ۽ فصل کي نقصان رسي سگهي ٿو. پر خالي پاڻيءَ جي ڦوهاري سان جوُن تي بہ ضابطو ايندو ، فصل سوڪ نہ ڪندو ۽ ماحول ۾ بہ زرعي زهر جي آلودگي نہ اچڻ سان گڏ آبادگار جو خرچ گهٽ ٿيندو.



اهڙي طرح سان اڪثر رس چوسڻ وارن جيتن کي شروع ۾ ئي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ نم جو تيل يا پائوڊر جو استعمال نهايت ئي ڪارگر ثابت ٿئي ٿو.

ڏٺو اهو بہ ويو آهي تہ شروعات ۾ ئي بنان سوچڻ سمجهڻ جي زرعي زهرن جي ڦوهارن ڪرڻ سان فائديمند جيت مري وڃن ٿا ۽ نقصانڪار جيت جيڪي بچن ٿا اُهي وڌيڪ طاقتور ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ عام زهر سان نٿا مرن. جنهن جي ڪري آبادگار کي هڪ تہ وڌيڪ ڦوهارا ڪرڻا ٿا پون ۽ ٻيو تہ فصل تي خرچ وڌيڪ اچي ٿو.



## 2. جيتن جي سڃاڻپ ۽ جاچ پڙتال:

جيئن پهرين بہ چئي آيا آهيون تہ هر جيت نقصانڪار ناهي، ڪي نقصانڪار آهن ۽ ڪي وري فائديمند آهن. ان ڪري فصل ۾ موجود جيتن وغيره جي چڱي طرح سڃاڻپ ڪرڻ آبادگارن لاءِ تمام ضروري آهي. ان لاءِ آبادگار جو پنهنجي فصل ڪي چڱي ريت روزانو گهمي ڦري جاچڻ نهايت ئي ضروري آهي. ۽ گهمڻ وقت بہ فصل جي اندر وڃي ہوٽن ڪي زمين ڪان مٿي تائين جاچڻ جي ضرورت هوندي آهي تہ جيئن پتو پوي تہ ڪهڙا ڪهڙا جيت فصل ۾ آهن ۽ انهن ۾ واڌ ڪيتري اچي رهي آهي تہ جيئن ضابطو آڻڻ ۾ آساني ٿئي. جيتن جي صحيح سڃاڻپ نہ ڪرڻ جي حالت ۾ ڪوبہ قدم ڪارگر ثابت ٿيڻ بجاءِ نقصانڪار ٿي سگهي ٿو. مثال طور جيڪڏهن فصل ۾ لڳل جوُن آهي ۽ اسان ڦوهارو مهلي جو ڪيو تہ اُهو فائدو ڏيڻ بجاءِ نقصان رسائيندو.

## 3. احطيات:

نقصانڪارن تي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ احطياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ آءِ پي ايم ۾ تمام ضروري آهي. هونئن بہ چيو ويندو آهي تہ "علاج ڪان احطيات ڀلو آهي"

فصلن ۾ نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي بچاءَ لاءِ هيٺين آءِ پي ايم جي سونهري اصولن تي عمل ڪرڻ ڪارگر ثابت ٿئي ٿو:

أ پوکيءَ لاءِ زمين جي تياريءَ وقت زمين اهڙي طرح تيار ڪجي جيئن گندگاهہ زمين مان مڪمل ختم ٿي وڃي ہي صورت ۾ فصل پوکڻ شرط فصل ۾ گندگاهہ وڌي وڃن ٿا. جنهن جي ڪري جيتن ۽ بيمارين جو حملو وڌيڪ ٿئي ٿو.



ii فصلن جي وار ڦير ڪرڻ گُهرجي. ساڳي زمين ۾ ساڳيا فصل پوکڻ سان جيتن ۽ بيمارين ۾ شدت اچي ٿي.

iii جنسون اُهي پوکجن جن ۾ جيتن ۽ بيمارين جي حملي کان بچاءَ جي قوتِ مدافعت هجي.

iv فصل وقت تي پوکجي. گهڻو آڳاٽو يا پاڇاٽو فصل پوکڻ سان بہ نقصانڪار ڪينئان ۽ بيماريون وڏيڪ حملو ڪن ٿا.

v ڪيميائي ڀاڻ خاص طور تي يوريا ڀاڻ سفارش کان وڌيڪ استعمال نہ ڪجي. اضافي ڀاڻ ڏيڻ سان رس چوسڻ وارن جيتن جو حملو وڌيڪ ٿئي ٿو.

vi فصل کي پاڻي بہ گُهرج مطابق ڏيڻ گُهرجي اضافي پاڻي ڏيڻ جو مطلب هي آهي تہ اسين جيتن کي زوري پنهنجي فصل ۾ گُهرايون ٿا.

vii گُڏَ دَڙَ ۽ گندگاهہ جي خاتمي جو فصل ۾ هڪدم بندوبست ڪجي ٻي صورت ۾ نقصانڪار گندگاهہ ۾ پنهنجون پناهہ گاهون ٺاهي ويهي رهندا ۽ اُنهن جو ضابطو مشڪل ٿي پوندو.

viii زرعي ماهرن سان رابطي ۾ رهجي.

ix فصل جي چوڌاري سُورج مُکي، ٻاجهري وغيره جون قطارون پوکڻ گُهرجن.

## 4. ضابطو:

هڪ پيرو جڏهن جيتن ۽ بيمارين جي سڃاڻپ ۽ جاچ پڙتال ٿي وڃي ٿي ۽ اُنهن جي شدت اِهو ٻڌائي ٿي تہ هاڻ احتياطي تدبيرون وڌيڪ عرصي لاءِ ڪارگر ناهن يا موجود ناهن ۽ ضابطو آڻڻ لاءِ ڪوشش ورتي وڃي، تڏهن آءِ پي ايم ۾ اِهو سوچڻو هوندو آهي تہ ڪهڙو ضابطي جو طريقو پراثر ۽ گهٽ نقصان وارو ٿي سگهي ٿو. تنهن کي عمل ۾ آڻڻ گُهرجي. آءِ پي ايم ۾ شروع ۾ پراثر ۽ گهٽ نقصان

وارا ضابطي جا طريقا چوندا وڃن ٿا. مثال طور: جنسي ڦندا هڻڻ ته جيئن جيتن جي لڳ واري عمل کي روڪي سگهجي.






يا مڪينيڪل طريقي کي عمل ۾ آڻجي. اُن سان گڏ فصل جو جائزو وٺبو رهجي ۽ جيڪڏهن اِهو طريقو به اثر نه ڪري ته پوءِ مخصوص پيسٽيسائيڊس جو استعمال ڪجي. جڏهن ته گهڻ رخو اثر ڏيکاريندڙ زرعي زهرن يعني پيسٽيسائيڊس (Non specific Pesticides) کي آخري هٿيار طور استعمال ڪجي. جڏهن ٻيا سمورا طريقا مؤثر نه رهن.

جڏهن ته عام رواج ۾ گهڻو ڪري آخري هٿيار وارا زهر سڀ کان پهريان استعمال ڪيا وڃن ٿا.



## Benefits of the IPM Approach

# جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي واري گڏيل حڪمت عملي جا فائدا




### 1. آسان عمل:

آءِ پي ايم ائين آسان آهي تہ زميندار کي گهڻو ڪري ڪوبہ نئون ڪم نٿو ڪرڻو پوي پر هُن کي اُهي ساڳيا ڪم ڪرڻا آهن جيڪي عام طور تي فصل ۾ ڪرڻا هوندا آهن. فرق صرف اِهو آهي تہ اُهي ڪم وقت تي صحيح طريقي سان مڪمل معلومات حاصل ڪري پوءِ ڪرڻا آهن. مثال طور وقت تي پوکي ڪرڻ سان فصل



صحتمند ٿئي ٿو جنهن جي ڪري جيتن ۽ بيمارين جو حملو گهٽ ٿئي ٿو. فصل ۾ ڀاڻ گُهرج مطابق ڏيڻ گُهرجي ۽ صورت ۾ يوريا ڀاڻ وڌيڪ اچي وڃڻ جي صورت ۾ رس چوسڻ وارن جيتن جو حملو وڌي ويندو وغيره وغيره ته آءِ پي ايم تي عمل ڪرڻ آسان آهي.

## (الف) فائديمند جيتن ۾ واڌ:

آءِ پي ايم تي عمل ڪرڻ سان فائديمند جيتن ۾ واڌ اچي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ نقصانڪار جيت آسانيءَ سان ضابطي هيٺ رهن ٿا.

## (ب) جيتن ۾ زرعي زهرن خلاف قوت مدافعت نٿي وڌي:

عام طرح سان فصلن ۾ زرعي زهرن جا وڌيڪ ڦوهارا ٿيڻ جي ڪري جيتن ۾ زهرن خلاف قوتِ مدافعت اچي وڃي ٿي جنهن جي ڪري نقصانڪار جيت عام زهر ۽ سفارش ڪيل مقدار تي نٿا مرن ۽ نتيجي ۾ وڌيڪ زهرن جو استعمال ڪرڻو پوي ٿو. پر آءِ پي ايم تحت جيئن ته زهرن جو استعمال گهٽ ٿئي ٿو تنهن ڪري جيتن ۾ زهرن خلاف قوتِ مدافعت نٿي اچي.

## صحتمند ماحول:

جيئن ته آءِ پي ايم ۾ زرعي زهرن جو استعمال گهٽ ۾ گهٽ ٿئي ٿو ۽ گهٽو ڪري اهڙا زهر سفارش ٿين ٿا جن جو ماحول تي اثر گهٽ ٿئي ٿو ان ڪري ماحولياتي آلودگي نه هئڻ برابر ٿئي ٿي ۽ ماحول صحتمند رهي ٿو.

## ماڻهن لاءِ فائديمند:

آءِ پي ايم اندر هر لاڳاپيل ماڻهوءَ لاءِ فائدو لڪل آهي. آءِ پي ايم تحت پوکيل فصلن جي واپرائيندڙن کي زهرن جي اثرن کان پاڪ شيون ملن ٿيون ۽ آبادگارن جو خرچ گهٽ ٿو اچي.

### (الف) آءِ پي ايم گهٽ خرچ واري حڪمت عملي:

آءِ پي ايم تي عمل ڪرڻ سان آبادگار کي زرعي زهرن جي ڦوهارن جو خرچ تمام گهٽ ڪرڻو ٿو پوي ۽ ٻين ڪمن ڪارن تي به معمولي خرچ اچي ٿو.

### (ب) سٺو عوامي تاثر:

عام طور تي جيئن جيئن ماڻهن تائين اِها معلومات پهچڻ لڳي آهي ته ڀاڄين، ميوون وغيره تي جيڪي ڦوهارا ٿين ٿا اُهي صحت ۽ ماحول لاءِ هاڃيڪار آهن ته اُهي به هاڻ سمجهن ٿا ته زرعي زهر فصلن تي استعمال نه ٿين. اهڙي طرح آءِ پي ايم تي عمل ٿيڻ سان عام ماڻهن ۾ سٺو تاثر ٿئي ٿو. ڪن جاين تي ڦوهاري بنان پوکيل ڀاڄين کي عام ماڻهن وڏي چاهه سان خريد ڪيو آهي.

# زرعي زهرن جو محفوظ استعمال
# (Safe use of Pesticides)

## زرعي زهرن جو مؤثر استعمال:

ڪڏهن به اهو نه سمجهڻ گهرجي ته هر زهر هر جيت کي ماريندو. هر جيت لاءِ مختلف طريقا ۽ مختلف زهر آهن ان ڪري بهتر نتيجن لاءِ هيٺين ڳالهين تي خاص ڌيان ڏجي:

## زرعي زهر جي صحيح چونڊ:

عام طور تي نقصانڪار جيتن کي ناس ڪرڻ لاءِ ڪيترائي زهر موجود آهن. پر انهن جي چونڊ وقت اهو خيال رکڻ گهرجي ته زهر اهڙو هجي جيڪو فصل تي لڳل نقصانڪار جيت کي مارڻ جي صلاحيت رکندو هجي. جيتري قدر ٿي سگهي ته زرعي ماهرن جي ڏسيل زهر کي ئي ترجيح ڏجي. زهر جي انتخاب وقت ان جي اثر، ماڻهن لاءِ محفوظ ۽ في ايڪڙ خرچ گهٽ اچڻ مکيه مقصد هجڻ گهرجن. ان لاءِ بوتل يا ٿيلهيءَ تي لکيل هدايتون ضرور پڙهجن.

## زرعي زهر ڏيڻ جو صحيح مقدار:

گهڻو ڪري ٻن مختلف نقصانڪار جيتن خلاف، زهرن جو وزن ساڳيو نه هوندو آهي، پر ان جو دارومدار فصل جي مرحليوار واڌ ويجهه تي آهي. جيتوڻيڪ هر هڪ جيت مار زهر جي لاءِ وزن ڏنل هوندو آهي، اهڙي طرح فصل جي واڌ مطابق جيت مار زهر جو وزن وڌندو رهندو يا تبديل ٿيندو رهندو آهي ۽ جيڪڏهن ٻوٽن جو في ايڪڙ تعداد گهٽ هجي ته زهر جو وزن به گهٽ استعمال ٿيندو آهي.



# زرعي زهرن جي استعمال لاءِ احتياطي تدبيرون



عام طور تي پوکي راهي اسان وٽ اهڙي ٽئي تي جنهن ۾ مختلف فصل پوکيل هوندا آهن، جن تي مختلف جيت جٽيان هوندا آهن ۽ اُن جي آس پاس ڳوٺ بہ هوندا آهن، مال متاثر بہ هلندو آهي ۽ انسانن ۽ ٻين جاندارن جي هلچل بہ هوندي آهي ان ڪري ڦوهاري ڪرڻ کان پهرين ڪنهن زرعي ماهر سان مشوري ڪري پوءِ ضرورت مطابق زهر استعمال ڪجي.







## زرعي زهر جو وقتائتو استعمال:

جيتن کان بچاءَ لاءِ اُپاءَ وٺڻ وقت، نقصانڪار جيتن جو باهمي تعلق سمجهڻ نهايت ضروري آهي. جڏهن جيتن جو تعداد اهڙي حد تي پهچي، جو اقتصادي نقصان پهچي سگهي ته اهڙي حالت ۾ زهر جو ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. اهڙي سطح کي اقتصادي نقصان واري سطح چئبو آهي. انهيءَ کان سواءِ جيڪڏهن فصل ۾ نقصانڪار جيتن جو تعداد گهٽ هجي ۽ نقصانڪار جيتن کي کائي ويڃڻ وارا فائديمند جيت بہ موجود آهن تہ اهڙيءَ حالت ۾ زرعي ماهر کان فصل جي جاچ ڪرائيندو رهجي ۽ ان جي صلاح مشوري سان ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

## زرعي زهر جو مناسب استعمال:

مناسب ڦوهاري حاصل ڪرڻ لاءِ اهو لازمي آهي تہ ايراضيءَ جي حساب سان پاڻيءَ جي ضرورت کي نظر ۾ رکجي، تہ جيئن هڪ ئي وقت صحيح وزن ڦوهارو ڪري سگهجي. جيڪڏهن ڦوهارو صحيح طريقي سان نہ ٿيندو تہ زهر جي ورهاست پوري طرح نہ ٿيندي. نتيجي ۾ هر ٻوٽي تي هڪ جيترو زهر نہ ڪرندو جنهن ڪري زهر جو اقتصادي فائدو ڪونہ ٿيندو. ڦوهاري ڪرڻ وقت اها پڻ ڪوشش ڪجي تہ اڳ ۾ ڦوهارو ڪيل قطارن ۾ ٻيهر ڦوهارو نہ لڳي. ڦوهاري دوران جيڪڏهن ڦوهاري جو نوزل بند ٿي وڃي تہ ان کي کولي صاف ڪجي ۽ پوءِ ڦوهارو ڪجي، ڦوهاري لاءِ مختلف مشينون استعمال ٿين ٿيون. ڦوهاري ڪرڻ وقت هلڻ جي رفتار هڪ جهڙي هئڻ گهرجي.

انهن سڀئي مٿي ٻڌايل ڳالهين تي جيڪڏهن چڱيءَ طرح عمل ڪبو تہ نقصانڪار جيتن تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.



فصلن ۾ جيئن تہ فائديمند بہ جيت هوندا آهن ۽ اُن ڪري انهن جي چرپر جو وقت ڏيان ۾ رکي پوءِ ڦوهارو ڪجي. جنهن وقت اُنهن جي چرپر وڌيڪ هجي ان وقت ڦوهارو نہ ڪجي. اهڙي طرح ڦوهارو گهٽي اُس ۾ نہ ڪجي بلڪ ٿڌ واري وقت ۾ ڪجي.



زرعي زهر کي چڱي طرح سان هڪ کان ٻي جاءِ تي ڪٽي ويجي تہ جيئن اُهو هارجي نہ ۽ جيڪڏهن ڪٿي هاريل هجي تہ هڪدم ان جي صفائي جو بندوبست ڪجي ۽ اُن مٿان مٽي يا واري وجهڻ گُهرجي ۽ پنهنجو پاڻ کي بچائجي.






زرعي زهرن کي مخصوص جاءِ تي اسٽور ڪجي جتي ٻارن ۽ ٻين غير متعلقہ ماڻهن جي پهچ نہ هجي.





اهڙي جاءِ تي زرعي زهرن کي هرگز نہ رکجي جتي کاڌي پيتي جون شيون پيل هجن. ان کان علاوه زرعي زهرن جي خالي بوتلن، ڏيلهين يا دٻن وغيره ۾ کاڌي پيتي جون شيون هرگز نہ رکجن.



ڦوهاري وقت زرعي زهر کي فصل ۾ ڪنهن مخصوص خالي ۽ کليل جاءِ تي ملائڻ گُهرجي.






زرعي زهرن کي استعمال ڪرڻ کان پهرين هٿن تي خاص قسم جا ملندڙ جوراب اهڙي طرح قميص سان ملائي پائجن جيئن هٿن کي ٻانهن کي اتفاقي زهر نہ لڳي، پيرن ۾ بوٽ، اکين تي عينڪ ۽ نڪ تي ماسڪ پڻ ضرور پائڻ گُهرجي.



جنهن جاءِ تي زرعي زهر ڦوهاري لاءِ تيار ڪيا وڃن اُتي ٻارن ۽ ٻين غير متعلقہ ماڻهن کي هرگز اچڻ نہ ڏجي ڇاڪاڻ تہ اتي زرعي زهر آبهوا ۾ موجود هوندو آهي ساهہ کڻڻ سان غير متعلقہ ماڻهن ۽ ٻارن کي نقصان پهچي سگهي ٿو.



ڦوهاري لاءِ ڦوهاري واري مشين سٺي استعمال ڪجي، اهڙي مشين بلڪل استعمال نہ ڪجي جنهن مان ٿورو بہ زهر ڪٿان ليڪ ٿيندو هجي يا وري نوزل مان ڦوهارو صحيح نہ ٿئي.



ڦوهاري ڪرڻ وقت ڦوهاري واري ڏٻي، بوتل يا ٿيلهيءَ تي لکيل احتياطي تدبيرون ۽ استعمال لاءِ ڏنل هدايتون ضرور پڙهڻ گهرجن ۽ انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي.






جڏهن فصل ۾ ڦوهارو ڪرڻو هجي تہ ڦوهاري واري جاءِ جي ويجهي ڪم ڪار ڪرڻ کان پاسي رهجي.



جيڪڏهن هوا هلندي هجي يا مينهن جي پوڻ جو امڪان هجي تہ ڦوهارو ڪرڻ کان پاسو ڪجي. ۽ ڦوهاري ڪرڻ دوران جيڪڏهن هلڪي هوا هلندڙ هجي تہ اُن کي بہ پٺي ڏئي پوءِ ڦوهارو ڪجي.



پاڻيءَ جي ذخيري يا وهڪري واري هنڌ زرعي زهر جو ڦوهارو نہ ڪجي ۽ اُن پاڻيءَ اندر خالي ڦوهاري واري مشين يا زهر لاءِ استعمال ٿيل ٿانو بہ نہ ڌوئڻ گهرجن ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان زهر پاڻيءَ ۾ ملي وڃڻ ڪري اهو پاڻي جانور يا انسان وغيره جڏهن پيئندا تہ نقصان ٿيندو.





زرعي زهر کان متاثر ٿيل مريض جي صحيح علاج لاءِ ضروري آهي تہ ڦوهاري جي اثر واري اها بوتل، ڏٻو يا ٿيلهي وغيره ڊاڪٽر کي ضرور ڏيکارڻ گُهرجي جنهن کي هُن استعمال ڪيو هجي تہ جيئن ان مٿان لکيل تدبيرن تحت ڊاڪٽر صحيح علاج ڪري سگهي.








گهر ۾ آيل ڀاڄي، ميوو وغيره کي چڱيءَ ريت صاف پاڻيءَ ۾ ڌوئڻ کان سواءِ هرگز نہ استعمال ڪرڻ گُهرجي ڇاڪاڻ تہ اُن مٿان زرعي زهر جو اثر ٿي سگهي ٿو. ڀاڄين کي رڌڻ کان پهرين ٿورو پاڻيءَ ۾ لوڻ وجهي هڪ ٻہ اوٻارا ڏئي اُهو پاڻي هاري پوءِ رڌڻ گهرجي تہ زهر جو اثر گهٽجي ويندو.



زرعي زهر جون ٿيلهيون، ڊبا ۽ بوتلون وغيره زمين ۾ کڏو کٽي پوري ڇڏڻ گهرجن.




وڌيڪ معلومات لاءِ فون ذريعي يا سڌي ريت سنڌ زرعي ترقياتي منصوبي (SAGP)
جي ماسٽر تربيتڪارن ۽ زرعي توسيعي عملي سان رابطو ڪرڻ گهرجي.